# چنڊ چنبيلي ۽ ول



Gul Hayat Institute

## شيخ اياز

# چنڊ چنبيلي ۽ ول

## شاعري

## شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ڳنڍو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ
1985ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر پاهتر

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ مبين پرنٽنگ ايجنسي،
گاڏي ڪاتو حيدرآباد، سنڌ.

ٽائيٽل، اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي فتاح هاليپوٽو

پهريون ايڊيشن سيپٽمبر 1985ع

قيمت: -/30 رپيا

Gul Hayat Institute

(مصنف جا سڀئي حق ۽ واسطا قائم)

---

CHAND CHANBELI VAL (Poetry) by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition September 1985. Price Per Copy Rs: 30/-

# چنڊ چنبيليءَ ول

****************************


سهاڳ جا ٻه اکر ـــ سراج ۳

نظم ۱۳-۹۸

ميڻيءَ تي جڻ باک ڦٽي تي ---- ۱۳
ڪارو ڪيرت هڪ سپنو آهي ---- ۱۴
پلئيءَ کي چلڪائي تي ---- ۱۵
جي ڪوتا تنهنجي ڪاچ اچي ---- ۱۶
"ڪاچي جي هڪ هاريءَ سان ڳالهه ٻولهه" ۱۹
تو اچان ڪرچات مان ---- ۲۱
توهان ويڙهه ۾ ماريو وئين ---- ۲۲
ڏيکو توڙهو ---- ۲۴
ڪنڊ نوائي ڪجهه ڳوليان تو ---- ۲۶
تو نانگ ڳچيءَ ۾ ويڙهيو آ ---- ۲۸
ڪتنيي ڪڻ ا ---- ۲۹
شام جي دوشالي ۾ ---- ۳۱
"پنهنجي هڪ اردو نظم جو ترجمو" ۳۳
ڇا تو سوچي ڇاڇرو! ---- ۳۵
آءٌ امرتا پريتم تنهنجو ---- ۳۷
اڃا ٻه ڪوري ڪتني ---- ۳۸
پريم دواني ميران روئي ---- ۳۹
آنڌراديش جي سندر ناري! ---- ۴۰
ڪڏي ڏيپ آتي آ آن مان ---- ۴۱
پن لڏي انجير جا ---- ۴۲
هي جي ٻوڙ پلاوڻ وارا ---- ۴۴


Gul Hayat Institute

چاندڪا تي---- ۴۴
فون اچي تو---- ۴۵
آرهڙ جو آڪاش ٻري تو---- ۴۸
گورڪن---- ۴۹
ڇا ڇا من ۾ آئي تو---- ۵۱
ڌرتيءَ جي سنسان ڏگر تي---- ۵۳
ٻاڪ ڦٽي آ---- ۵۴
يار ٿيا اغيار---- ۵۶
نيٺ آهو طوفان اچي ويو---- ۵۷
اڄ ته آڪن جون نيرڙيون ڦلڙيون---- ۵۹
ڪاش، هجان مان لهرن وانگر---- ۶۰
”تو لئه آءُ اُڇايل آهيان“---- ۶۱
ناهي ڪو آڪاش ڪراچيءَ ۾!---- ۶۳
”سيٺ! گلاب!“---- ۶۴
ميز مٿان هو مُڪَ هڻن ٿا---- ۶۵
هاڻي سو طوفان نه آهي---- ۶۶
بس، ڪافي پٽ ڪوهه ڪٽيسين---- ۶۸
هو وردين سان جيپ منجهاران---- ۷۰
برسهي،---- ۷۲
آءُ لڏان تو---- ۷۴
ٿيمس ندي، لنڊن---- ۷۵
آنيءَ جڻن آڪاس،---- ۷۶
ڪيڏو آهه آلوٽو جيوَن---- ۷۷
ٻَس“ مٿان جو ٻم“ هنيائون---- ۷۹
رکو محبت ناهي، ڪِپرو!---- ۸۱
تون هي هيرو ڪٽ“ ته هيرو ٿئي!---- ۸۳
شام جي گلاسن ۾---- ۸۴
هڪ هڪ ٿيندا غرق ٿين ٿا---- ۸۶


Gul Hayat Institute

ريشم! ايڏو موت ميٺو آ؟---- ٨٨
’غالب‘ تي يا لاله و گل تيي---- ٨٩
ڪير پرانهين پار وڃن ٿا---- ٩٠
آتش‌دان وسامي ويو آهه---- ٩١
او ٿارياٺي!---- ٩٣
منهنجا وڏڙؤ! ڪيئن ڇپايان---- ٩٥
منهنجو هي مرجهايل چهرو---- ٩٦
ڌرتي! توکي منهنجي چمي---- ٩٧

**گيت ۽ وايون** ١٠١-١١٥

چپ اچي ويا چنگ چڙا---- ١٠١
ننڍ جي ديوار نيري---- ١٠٢
سنڌ ميلي ميهار---- ١٠٣
پنڌ پنڌ پنڌال---- ١٠٤
ساجن - ديس جي مٽي آندم---- ١٠٥
لنبا لنبا ڏونهين جا---- ١٠٦
ماڏوري مهڪي---- ١٠٧
گيت گلن جئن اُپرن ٿا---- ١٠٨
ٿاريءَ گل ٽڙن ٿا---- ١٠٩
سندرتا لئه واجهائن ٿا---- ١١٠
تنهنجي سواگت لئه اڇٺو آ---- ١١٠
سسنان گلميون---- ١١١
موٺي هل!---- ١١٢
رات انڌيريءَ جي ڪيڙڪيءَ مان---- ١١٤
سچ جي نگر هلندين؟---- ١١٥

**ت - سڪا** ١١٧-١٣٣

ڇا هي خالي جام---- ١١٧-١٢٦
ڪيتي پيرين هاڻ!---- ١٢٧-١٣٣

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو.

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان،
شيخ اياز جو پهريون،
شاعريءَ جو پهريون،
ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

ڪجهه عرصي کان اسان جي اها ئي ڪوشش رهي آهي ته جن به اديبن جا اڃان تائين نيو فيلڊس اداري طرفان ڪتاب شايع نه ٿيا آهن تن جا ڪوشش ڪري جلد کان جلد ڪتاب شايع ڪريون. اسان کي خوشي آهي ته اسان جي ان ڪوشش جي نتيجي ۾ محترم شيخ اياز جو ڪتاب "چنڊ چنبيليءَ وَلِ" نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيو آهي. نه صرف اهو هڪڙو ڪتاب بلڪ سندس ٻيا به ڪتاب انشاالله جلد شايع ڪبا.

اسان پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي آهي ته شيخ اياز جي شايانِ شان ڪتاب شايع ڪريون. اسين پنهنجي ان ڪوشش ۾ جيتري قدر به ڪامياب ويا آهيون ان ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو ساٿ به شامل آهي.

اداره

Gul Hayat Institute

جي هڪ زندهه علامت بڻجي، پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري، اڄ تائين پنهنجي عظمت مڃائيندي ٿي رهي.

شاهه کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌيءَ جي شاعر اياز لاءِ به اهي ساڳيون ڳالهيون هُلن ٿيون جيڪي شايد شاهه لاءِ به هُليون هيون ۽ وچ ۾ اياز جي شاعريءَ کي نظرانداز ڪيو ٿو وڃي—

"اسان تي الزام، آنڌا ڄڱ جيئڻ جا!"

پر اچو ته ڏسون ته اهو "ڪامپروماٿيز" ۽ "ڪنفارمزم" آهي ڪهڙي بلا؟ چاڪاڻ ته شاهه سونهاري جي زماني ۾ اِن قسم جا نيم- فلسفيانه ۽ نيم 'سماجياتي' نظرياتي بحث ڪرڻ لاءِ اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ڪونه ڇپبا هئا، ان ڪري هن الائجي انهن جُلهن کي ڪيئن منهن ڏنو هوندو. پر اڄ جي زماني ۾ گهٽ ۾ گهٽ انهن جي وصف بيان ڪري سگهجي ٿي، ۽ ان کي اسان جي پنهنجي حالتن ۽ شخصيتن تي آزمائي سگهجي ٿو. اهو صحيح آهي ته هر شاعر کي جڏهن پرکبو آهي، تڏهن هن جي هنرمندي ۽ فنڪاريءَ سان گڏوگڏ هن جي فڪر کي ڪنهن نه ڪنهن ڪسوٽيءَ تي جاچبو آهي. اياز جي شاعريءَ جي هنرمنديءَ ۽ فن کان ڪو بنهه اڪين-سڄو ئي انڪار ڪندو.

اياز تي جيڪڏهن ڪي ڇنڊا وڌا ويا آهن ته هن جي فڪر جي حوالي سان يا هن جي شخصي زندگيءَ جي ڪجهه پسند ناپسند جي حوالن سان. گهڻا سال ٿيا جڏهن فڪر جي اوندهه کي پسند ڪندڙ گروهه اياز تي روشن-فڪر هجڻ جا الزام آنداه روزاني "مهراڻ" ۽ "ڪاروان"، ۽ جماعت اسلاميءَ جي تنظيم جي سهاري نڪرندڙ رسالن هزارين ڪاڳر ڪارا ڪري ڇڏيا. ايتريقدر جو انهيءَ مهم جي نتيجي ۾ اياز کي جيل پوڻو پيو. هن جي بچاءَ ۾ پليجي "انڌا اونڌا ويڄ" لکيو. مولانا گراميءَ "مشرقي شاعريءَ جي قدرن" تي پنهنجو معرڪةالارا مقالو لکيو. پر اياز کي ايترو ڏکويو ويو ۽ ايترا گهاوَ بخشيا ويا،

Gul Hayat Institute

ڪوشش ۾ دير ڪرڻ کي سياڻپ سمجهي. هاڻ انهن دائرن ۾ اياز ڪي رکي ڏسو، ۽ پوءِ فيصلو ڪريو تہ اياز ڪيتريقدر "ڪامپروومائيز" جو ڏوهاري آهي! اياز نہ رڳو راءِ قائم ڪرڻ ۾ ڪنهن تذبذب جو شڪار نہ رهيو آهي، پر ان راءِ جي اظهار ۾ بہ هن نہ ڪا رک۔رکان ڪئي، نہ ڪا لڪ۔لڪان. شاعريءَ جي ڪارزار ۾ اياز تہ پاڻ ايڏي وڏي واڪ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو، جو هن جي راءِ پنهنجي وقت جو نعرو بڻجي ويئي. ۽ دراصل اِهو هڪڙو وڏو سبب هو اياز جي تڪليفن ۽ مصيبتن جو. هن نہ اڳي رک۔رکان ڪئي، نہ هاڻ ٿو ڪري:

پوءِ هڻن ٿا
اهڙا نعرا
"پيٽ" "پيٽ" گونجي ٿي جن سان
منهنجي روح رباب جيان.
واريءَ جا طوفان اٿن ٿا
آنڌيءَ جئن انسان اٿن ٿا
ترَ ترَ روز حساب جيان،
ها، ها، منهنجي خواب جيان
ڳاڙهي گُل گلاب جيان.

۽ هن جو يقين تہ ڏسو:

نيٺ گهٽائون پرجي، ٿينديون
ساوڻ جون وسڪارون
گونجي گونجي نيٺ تہ ٻڌبي
لوءِ سڄي للڪارون
تاوَ تتيءَ جا ڪيسين هوندا
ماڻهن مٿ مارون!

انهن ميارن ڪان بہ، اياز گهڻو اڳتي وڏي ٿو وڃي، ۽ سچ کي سچ چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ ڪانہ ٿو ڏيکاري:

Gul Hayat Institute

دیس دیس جا وردیءَ وارا
پنهنجيءَ پنهنجيءَ جنتا کي هيسائن ٿا
پونجيءَ وارا
ڇا ڇا قرلٽ لائن ٿا!

پنهنجي فڪر جي ميدان ۾ ”ڪامپروماڻيز“ ڪرڻ وارو شاعر اِئين ته ڪڏهن به جرئت اظهار نه ڪري سگهندو آهي.

هاڻ اچو ته مارلي جي هڪڙي ٻي وصف پڙهي ڏسون. ممڪن آهي ته ان سان ڳالهه وڌيڪ صاف ٿي سگهي:

If he is genuine lover of truth, if he is inspired by the manly passion for seeing things as they are, and a manly abhorrence of holding ideas which do not conform to the facts, he will be wholly independent of the approval or assent of those around him.

سچ سان اها مردانه وار محبت ۽ ڪوڙ کان مردانه وار نفرت ڪندڙ اياز ڪي ”ڪنفارمزم“ جو ويڙ ڏيڻ وارن کي ”ڇا ٿو سوچي ڇاڇرو!“ وارو نظر پڙهي فيصلو ڪرڻو پوندو، يا هيٺين سٽن تي پنهنجي راءِ قائم ڪرڻي پوندي:

لاڙَ
ڪئي جن جاڙَ
انهن جي پاڙَ
پٽن ٿا،
گولين کان نه هٽن ٿا،
جيب منجهاران
ٺڙاڪ نڪ ڪن ٿا.
هو تائن بندوقون تن تي
هي سينا تائن ٿا!

اياز شاعر آهي: ڪو نظرياتي پروهت ڪو آهي: هو سنڌ

جي صدين جي پيڙا جو روح آهي. پر ساڳئي وقت هڪ انسان بہ آهي ـ اهڙو انسان آهي، جنهن جي انا کي پيچي پور پور ڪرڻ جا جتن ڪيا ويا؛ جنهن جي ڏيومالائن کي الائجي ڪهڙيون سٽيون پيارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پر هن پنهنجي انا کي پُرڻ نہ ڏنو، هن پنهنجي ديومالائن جي امرت ڌارا کي قائم رکڻ لاءِ پاڻ وڙهہ پيئڻ کي وڏيڪ سياڻو سمجهيو. جيڪڏهن هن ڪو غلط سياسي فيصلو ڪيو بہ، تہ هڪ انسان جي حيثيت ۾، نہ هڪ شاعر جي حيثيت ۾. جيڪڏهن هن ڪو غلط سياسي فيصلو ڪيو بہ، تڏهن بہ هن ان کي ”جستيفاءِ“ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هن پاڻ شيشي جي محل ۾ ويهي ٻين تي پٿر نہ اڇلايا، نہ ئي هن ٻئي ڪنهن تي بار وڌو تہ هو هن جي فيصلي کي صحيح سمجهن. انهيءَ ہ ـ واٽي ني بہ هن جي اندر ۾ موجود شاعر هن جي اندر جي انسان تي حاوي پئجي ويو، ۽ اهو شاعر اڄ پنهنجي سمورن رنگين خوابن سان، سمورن پوپٽن جهڙن رنگين جذبن سان، ”چنبو، چنبيليءَ ول“ سان موٽي آيو آهي.

منهنجي خيال ۾ سٺ واري ڏهاڪي وارو اياز، سمورا تجربا ڪري، پنهنجي روح کي زخمي ڪري، وري موٽي آيو آهي. سندس هيءَ شاعري انهن ئي جذبن جي شاعري آهي، جيڪي شاعر کي منفرد حيثيت ڏيندا آهن. ان ۾ زبان جي اُهائي اٿاهہ گهرائي آهي، جذبن جي اُهائي سچائي آهي، سُر ۽ وزن جي اُهائي خوبصورتي آهي، جيڪا اياز جو مُرڪ آهي. اِها ٽہ ـ پاسي هم آهنگي (Tri- dimensional harmony) هن کي وري انهيءَ بلنديءَ تي وٺي آئي آهي، جنهن جو ادراڪ بذات خود هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو گهڻ ـ پاسو آهي ۽ وجداني ڪيفيت وارو آهي. وقت گذرڻ سان جتي اياز جو مطالعو وڌيو آهي، اتي زندگيءَ جي مشاهدي ۽ تجربن هن جي احساس کي نيون گهرايون عطا ڪيون آهن. شاعر جو احساس هونئن ئي ڪاتيءَ جي ڌار جهڙو تيز هوندو آهي. پوءِ اهي

تجربا، جيڪي خاص طرح اسان جهڙن ملڪن ۽ معاشرن ۾ حاصل ٿين ٿا، اهي ان ڏار کي هيڪاري سرهاڻ تي چاڙهي وڏيڪ تکو ۽ تيز ڪري ٿا ڇڏين. ۽ اياز جا تجربا ته وري به هڪ حساس ۽ نهايت ذهين شاعر جا آهن. انهن هن کي، ڪن ڪن گوشن ۾ اهڙا جذبا عطا ڪيا آهن جن کي بيان ڪرڻ به مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ مشڪل آهي. ادب ــ ۽ شاعريءَ ــ جو هڪڙو ڪارج اهو آهي ته پڙهندڙ ان تي سوچيندو رهي، ان ۾ ڪردار بڻجندو رهي، ۽ پاڻ کي انهن لفظن ۽ جذبن سان هم آهنگ ڪرڻ لڳي. ۽ جڏهن شاعري لطيف جي هجي، يا اياز جي هجي، ته پوءِ ان جي اثر ۽ تاثير جي ڪيفيت کي محسوس ڪري ئي دل گاڻون ماڻون ٿيڻ تي لڳي. اياز جي ٻوليءَ ۾ جتن پوءِ تئن وڏيڪ موسيقيت ايندي ٿي وڃي. ان ۾ ٻاهرين موسيقيت آهي ته اندرين به. اها اندرين موسيقيت اسان وٽ تمام گهٽ شاعرن ۾ آهي. اياز جو استعارو البت ڪٿي ڪٿي ايترو ڳوڙهو ۽ غير عام ٿي ٿو وڃي، جو ان خاص ديومالا جي ڄاڻ رکڻ کان سواءِ، هرڪو پڙهندڙ ممڪن آهي ته ان جي اهميت ۽ تهه تائين پهچي نه سگهي. پر اياز جو اهڙو شعر آهي به انهن پڙهندڙن لاءِ جن کي اِن جو ادراڪ آهي.

اياز جي سڀ کان وڏي شاعرانه خوبي اِها آهي، جو هن جي فڪر ۽ خيال ۾ جيڪا لطافت يا رنگيني آهي، ان لاءِ هو لفظ به اهڙا ئي لطيف ۽ رنگين ٿو استعمال ڪري، ۽ پوءِ ان کي گهاڙيٽو يا هيئت به اهڙي ٿو ڏئي، جيڪا ان خيال جي لطافت سان هم آهنگ ٿي ٿي اچي. هتي مثال ڏجي ته شايد ڳالهه وڌيڪ واضح ٿي سگهندي. منهنجي نظر ۾ هيٺينءَ وائيءَ جو حسن شاهه سائينءَ سان همسري پيو ڪري:

مُنڌ ملي ميهار،
تــ چرڪا ڪير هيا؟

لَهرين لُڙَ لهي ويا آخر
سانت وسِي سنسارَ
تہ چرڪا ڪير هيا؟
ساهہ جڏهن ويساهہ سماڻو
پرَ ڪي پاتو پيارَ
تہ چرڪا ڪير هيا؟
ياڳا ياڳا ڪير هئي ڪلهہ
مان نہ هُيس منجهدارَ
تہ چرڪا ڪهڙ هيا؟

اِن ۾ ٻولي ڏسو، هيئت ڏسو، موسيقيت ڏسو ۽ فڪر جي ڳوڙهائي ۽ گهرائي ڏسو. اها وائي فقط اياز ئي لکي ٿي سگهيو.

اياز هن مجموعي ۾ مختلف گهاڙيتن ۾ تجربا ڪيا آهن، ۽ ڪامياب تجربا ڪيا اٿس چاڪاڻ تہ اياز شعر جي هنرمنديءَ ۾ بہ وڏو ڪاريگر آهي. پر تڏهن بہ منهنجي خيال ۾، آهي ڌاريان گهاڙيتا، جيڪي اسان جي پنهنجي ڪلچر جو حصو بڻجڻ جي صلاحيت نٿا رکن، اُنهن تي تجربا ڪرڻ مان ڪو ڪارج يا سڦلتا نٿي ملي. اياز جهڙو وڏو شاعر انهن ڪي نيائي تہ وجي ٿو، پر پڙهڻ ڪان پوءِ ڪا ڳالهہ ڪٿل، غيرمڪمل يا اڌين چٽجي تہ اڻ ٺهڪندڙ لڳي ٿي.

اياز جو هي مجموعو سنڌي ادب ۾ ۽ خاص طرح شاعريءَ ۾ هڪ خاص، منفرد جاءِ والاريندو چاڪاڻ تہ اياز انهن بلندين تي موٽي آيو آهي، جن ڪي اسان وٽ اسان جي وقت ۾ ٻيو ڪو شاعر اڃان ڇُهي نہ سگهيو آهي.

ڪراچي- ۹ سيپٽمبر، ۱۹۸۵ع — سراج

Gul Hayat Institute

# نظم



مينھن ۾ وسندڙ بوند جي ٽمڪندڙ ٽوپي جيان...

ميٺيءَ تي جھڙ باک ڦٽي تي
پيتَ پيتَ آ ڳاڙهي گلن گلاب جيان
هن ڌرتيءَ جي خواب جيان.
واريءَ تي لالاڻ اُفق ۾
آهي تيز شراب جيان،
ايڏي آ ڳاڙهاڻ اُفق ۾
شعلا شعلا پيچ پڳن جا
پائي جڻ اوڌار اچن ٿا،
منهنجي پرسان جهوڪ بڌن ٿا
پير چهن ٿا، لڙڪ اُگهن ٿا
پوءِ هٽن ٿا
اهڙا نعرا
پيتَ پيتَ گونجي ٿي جن سان
منهنجي روح رباب جيان.
واريءَ جا طوفان اٿن ٿا
آنڌيءَ جڻ انسان اٿن ٿا
ٿر بر روز حساب جيان،
ها، ها منهنجي خواب جيان
ڳاڙهي گل گلاب جيان.

Gul Hayat Institute

ڪارِ ڪَڪَرَ ٿو هِڪُ سپنو آهي
وِيڙهه ۾ سڀ پاڇاوان آهن

ڪنهن جي ڪَندِيءَ ڏُکين ٿو پيارا؟
ڇا تي پوسرجين ٿو پيارا؟
هر شيءِ اڇي وڇي آهي
ڏک سک ڇاهي؟
جڏهن پاڻيءَ تي ڦوٽا پيارا-
اڄ به نيري نڀ ۾ تارا
نيل ڪمل جي ڪوڏين وانگر
ٽُب ٽُب ڪن ٿا ٽم ٽم ڪن ٿا
جڳ ۾ تنهنجين جوڏين وانگر
ڪيڏا بي انداز لڳن ٿا!
باک ڦٽيءَ جو ماڪ ڦڙن تي
سج جا ڪرڻا چمڪائي ٿي-
وَرتُ هٿن ۾، هوءِ پاڻياري
ڪنهن راتوڪيءَ ڳالهه تي مُرڪي
شرمائي ٿي-
گج اندر جي لوڏيون آهن
شايد هائي پرڏيون آهن
مُک مٿول، روپهري ون سان
اچڻو آ ڪو سورج ونسي-
پو سينهونءَ تي گهاگهر رکندي

Gul Hayat Institute

پاڻيءَ کي چاڪائي ٿي،
مورَ ڌلن ٿيا
پاڻياريءَ جي ڌورَ ٿلن ٿا
ھڏھڏ ،وڙ مُڪَٽ سان پنھنجي
ڇا ڇا ٻول ٻُڌائي ٿو!
ھورَ - ھئي سان
چڻ ڪا شرط پُڄائي ٿو -

ھي سڀ ھوندي، گُمسُم آن ڇو؟
ويڻ ٻُڌي پوسرجين ڇو ٿو؟
ڪار ڪرت ھڪ سپنو آھي
ويڻ بہ سڀ پاڇاوان آھن؛
پنھنجا گيت سمندر جھڙا
مَنَ - ڪُپِّيءَ ۾ بند نہ ڪر تون!
مَنَ - ڪُپِّيءَ ۾ بند نہ ڪر تون!
مَنَ - ڪُپِّيءَ ۾ بند نہ ڪر تون!



جي ڪُوتا تنهنجي ڪاج اچي
مان تـولـه پيهر ڳـائيندس

تـون چاهين تـو پيهر ڀچان
مان پنهنجا هيٺا هَڏ اڄسان!
مـان تـوسان سات نڀائيندس

مون تڙڪي رَتَ. تـلاوَن ۾
۽ گهرن گهرن گهـاوَن ۾
جـو ڳاتـو هـو ورجـائيندس

جي ويـٺـا پيهر وَڍَ ڏنـيـا
۽ مرنـدي منهنجا نين پـنـيـا
مان تو کان لڙڪ لڪائيندس

جـا آگ اُجهامي وئـي آهي
جـا هُرڪُر کامـي وئـي آهي
مان تنهن ۾ دونهن ڌکائيندس

۽ جيري ساڻ چراڳـن کـي
مان ڳٽيءَ ڳاريل ڳاتـن کـي
اڳ کان پـي اوچ ٻڌائيندس۔

Gul Hayat Institute

مون واريو تـوتي تن مَن ڏن
پر مون سان ڪر اي ديس وچن
تون پٽ تي موٽ نه ڪائيندين

تون ڪنّ نه ڏيندين ڪُوڙن ڪي
۽ وچڙائـي وِسوُڙن ڪـي
پلجـي نـه وري پٽڪائيندين!

آ ڏورانهون پـر ڏسّ تـه آ
ڪو گوندر ڪارڻ گسّ ته آ
جو ووڙيندين سو پائيندين

آ سچّ سنواٽـن لاٽن جـو
پـر ڪينڌڙ پنـڌ پهاڙن جـو
جي گهوريندين، گهبرائيندين

پـر تنهنجي منزل هڪڙي آ
جئن ماڻهوءَ ۾ دل هڪڙي آ
تون پـُٽ ڏئي پڇتائيندين!

Gul Hayat Institute

جي ڪُوتا تنهنجي ڳاج اچي
مان پيهر پيڙيون پائيندس
مان پيهر ٽولسُ ڳائيندس



Gul Hayat Institute

## ڪاچي جي هڪ هاريءَ سان ڳالهه ٻولهه

”نالو ڇاهي تنهنجو بابا؟“
”ڪيڙيءَ ڪان پڇ
”پتر پتر مون کي ڄاڻي-
”ٻيڙيءَ ڪان پڇ
”مون کي هرهڪ لهر سڃاڻي-
”سانجهيءَ تاڻي
”آيءَ تجوڙيءَ جي اُن چونديءَ ميڙيءَ ڪان پڇ
”مون کي سُلهه ڳڌو جنهن ناڻي-
”رات اچي ٿي منهنجي ياڻي
”سو تون هاڻي
”اُن جي ڪنهن ساهيڙيءَ ڪان پڇ
”چانڊوڪيءَ جو پاڇو پاڇو
”پٿر، پاڻي، سارو ڪاڇو
”واهڻ واهڻ مون کي ڄاڻي
”وڻ وڻ منهنجو سات سڃاڻي
”توکي هرڪو چوندو ’بابا
”’هيءَ نلاڙو هاري آهي‘
”توکي ڏات ڏني آ ڏاهي
”آڻ ڪتابن جا اوڳاڇي
”اڄ تون آيو آهين ڪاڇي
”وڳِتَ ڪُتب خاني ۾ واڙي
”ويهي هيٺ ٻهاڙيءَ پاڇي

Gul Hayat Institute

”مون کي پڻ حي پيڙي آچي
”مون کان نانءُ پڇين ٿو، بابا!“

Gul Hayat Institute

تـو اڃان ڪـِرچـات مـانـ
سـِڄ جا ڪرڻا ائين ڇڻ ڪـِرچيون
پـار ٽيون پـريـات مـانـ
آپ ۾ ڪـڪـري نــہ آ
بوُند ڪائي ٻَنـڌ تي پَوڙِتي نــہ آ!
اي ميان! جي گهر ڏئين توکي پلو گهوڙو ڏيان،
جــي ڏئين موڙو وِهــڻ لئه
هي زريءَ سان سَنجَ تنهنجا اي ميان!
هـيءَ تـبــر تــو لاءِ آهــي
وڄ جنڻ تــي جــا ڪـيئوي،
آءُ چاهيان ٿو تہ ڪائي گودڙي، ڪائي رلي مون کي ملي
آءُ جئن ليٽي پوانـ
ڇا چوان!
رات پــر ڪرچــات ۾ اي آجنبي
مون ڪـا گهـڙي
اڪِ لاتــي ڪانــہ آ!
اڪِ لاتــي ڪانــہ آ!

Gul Hayat Institute

تون ويڙهه ۾ ملريو وئين
ڪيئي صديون گذري ويون،
درياهه رُخ ڦيري ويو
ڪيئي جفائون ٿي ويون.
هو رَتُ تنهنجي جا ڦڙا
هو لال موتي سنڌ جا
آڪاس پنهنجي ڪنڌ ۾
پاتا هيا.
ڪيئي صديون گذري ويون
سنجها سمي آڪاس سنڌوءَ ڪي سدا
آڇي ڏنا
سي لال موتي سنڌ جا
ها پر
نيٺ
پاتا نه وَر - مالها ڪري!
ڪيئي صديون گذري ويون
دولهه دلاور ديس جا!
للڪار تنهنجي جا ليا
مون گيت پنهنجي ۾ ڏنا،
مون گيت پنهنجي ۾ پڏا
هو ڪانَ جن تنهنجي هٿان
ڪَڙ ڪَڙ ڪئي ويرين مٿان.
ڪيئي صديون گذري ويون
مون گونج ٽن جي گيت ۾

Gul Hayat Institute

بيهر آياري سنڌ ۾،
۽ رَتُ تنهنجي جا ڦُڙا
هو لال موتي سنڌ جا
کلهه کنڊ مان آڪاس جي لاهي وتا
۽ پياڻ پنهنجي کنڊ ۾
ڦاسيءَ جي ڦندي جٿن وڌا
۽ سوچيو کنهن وقت وَر ـ مالها ڪري
سنڌوءَ کي پائيندس اهي:
افسوس، صد افسوس تنهنجي ديس تي
جنهن لال موتي کنڊ منهنجي مان چنا
۽ هني نہ سوچيو گيت پيا کهڙا هُيا
اڳتي هلي جي پائبا
سنڌوءَ کي وَر ـ مالها ڪري!

Gul Hayat Institute

پگهو ٽوڙهو،
ٽُڙ سان ٽيڪ ڏَئي هو پوڙهو
لهندو سِجُ ڏسي ٿو.

پيرا هُن جي پيشانيءَ ۾
ويندڙ ڏڳ لڳن ٿا؛
هن جا نيڻ اُداسائيءَ سان
ڪيڏو ڏور ڏسن ٿا!

چِپَ سُڪل آهن هن جا، پر
اَجُ اَجهايل آهي،
پو بہ اکين ۾ هن جي ڪيڏي
رُچُ سمايل آهي!

سِجُ لهي مرجهايل گُلَ تي
هُن ڪي چُمي ڏني آ،
هاڻ تہ چِٽ لالاڻ شفق جي
هن جي ڪا لوئي آ:

لوئيءَ منجهہ لڪي ويا آهن
هُن جا ڦٽَ سُڪل ۽ آلا،
ڪيئي سُپنا، جي سيني ۾
ٿي آيا ها بڙچيون پالا

Gul Hayat Institute

رات پهاڙي جهرڻي وانگر
هُن کي ريڙهيندڙي وئي آ
(ڏِٺ، پرولي هِن جيوَن جِي
چڙ ته اڄا هن کي پئي آ—

ماٺ ازل آ، ماٺ ابد آ،
پٿر جي سيني ۾ آهي،
پوءِ به جيوَن جي جوالا ۾
هي سارو هنگامو ڇا هي!)

چنڊ متان ماتا جي ٿڃ جئن
هن جي منهن لڳ آتو آهي
هو سوچي ٿو ڇائي ڇم کان
هُن آخر ڇا پاتو آهي!

۽ پو پوڙهو
لهندو سِج ڏسي ٿو—
پِگهرندو ڦوڙهو....

Gul Hayat Institute

ڪِتَمُ نوائي ڪجهه ڳوليان ٿو
اي سيوهڻ جي مٽي! توتي
پير سڪندر جا ڳوليان ٿو

هن ڌرتيءَ تي ڪيئي آيا
ڪنهن زهريلي ڌونهين وانگر
جن سيني جا ساهه مُنجهايا

ارغونن جي ترخانن جي
تاريخ پڙهي مان لوچان ٿو
تقدير امر انسانن جي

جي ڏکڙ ڏمر سهسائي ويا
۽ صديون پنهنجا ڳوڙها پي
ڪجهه گيت اڇوتا ڳائي ويا،

۽ صديون ڪان هي ڪٿڪ ڪٿان
سون لاءِ جهنم بڻجي ويا
مان ڪيسين تن جي لاءِ لڙان؟

ڇو مُرڪي منهن ڦيرائين ٿو
اي مروندي! مون ڏانهن ڏسي
ڇا تون به ائين ئي پائين ٿو

Gul Hayat Institute



هڪ پوئين ويڙهه ۾ اچڻي آ
ءُ مون کي وڙهندي مرڻو آ
پر منهنجي ڌرتي بچڻي آ!



Gul Hayat Institute

تو نانگ ڳچيءَ ۾ ويڙهيو آ
نٽ راج ته ڪوئي ناهين تون!
ڪئن ناچ ڪرڻ ٿو چاهين تون؟

ٿو ڪنڌ مروڙي تنهنجو هُو
۽ ڳاٽو توڙي تنهنجو هو؛
چو پاڻ مٿان ٿو دانهين تون

نٽ راج ته ڪوئي ناهين تون
تو نانگ ڳچيءَ ۾ ويڙهيو آ!

Gul Hayat Institute

ڪنهن کي ڪڻ!
سمنڊ منهوڙي تان مون کي تون، ڪنهن کي ڪڻ!
دور دور ساحل تي هَڻ!
جتي ڇوهي ۾ جهوني وڻ جا
ڇڻ ڇڻ پتا
مون کي ايئن آڌاري هلُ،
مون کان منهنجي سار ڪسي وَٺ
پيار ڪسي وَٺ!
نت ڪٿ ڪاريون ڪجريون اکڙيون
پندن، رکڙيون
ياکُر چڻ انبار گلن جا
هائو، سڀ ڪجهه واري هلُ
بار بار جي مُنهنجي مَن ۾
آرهه انارن وانگر آيا
تن جون تاريون تاري هلُ
هو مينديءَ جا ٿالهه ڪلهوڪا
جڻ ڪي ڏوڪا
رتڙا پير وساري هلُ
پاڻ پڇاڻيءَ کي آڇيان مان
تنهنجي پاڻيءَ کي آڇيان مان
آف، هي جيئڻ جي هڻ هڻ!
ڪنهن کڻ! ڪنهن کڻ!

Gul Hayat Institute

سمنڊ منهوڙي تان مون کي تون
ڪنيي ڪڍُ!

Gul Hayat Institute

شام جـي دوشالـي ۾
دور چـام شوري مان
تون اچي رهـي آهين.

شام ـ سجُ سنڌوءَ تـي
چڻ مصوّري تنهنجي
هئي شفق جيان مون سان
ڪالهه عاشقي تنهنجي

سرد شام سڪـّر جـي
ڪو اَلاءِ پـي ڪونهي
تنهنجي پيار جو مون وٽ
اج پڙاءُ پـي ڪونهي

هيڪليـن هـوائـن ۾
تـو سواءِ گهاريان ٿـو
اي سـمور جڻن سپريـن
آءُ توکي ساريـان ٿو

سرد شام سڪـّر جـي
آءُ پـي رهيـو آهيان
سار جهي سهاري سان
چڻ تہ جـي رهيو آهيان

Gul Hayat Institute

ڪيترو پري هوندي
ايترو پري ناهين!
شام جي دوشالي ۾
تون اچي رهي آهين

دور، چام شوري مان-

Gul Hayat Institute

## پنهنجي هڪ اردو نظم جو ترجمو

دور ڪيلاش تان
چنڊ هيمنت جو
منهنجي من کي سڏائين سڏيندو رهيو
مان جو رهبر هان
ڪا گهڙي ويهه مان
موت ڪاڻي ڪري
ٻڙچين کان پري
ننڊ جون جهپڪيون
مون کي ڏاڍو وڻيون
رڻ تي سورج جا تنهن
هو تڪا تاوڙا!
مُنهن لڪايو نه مون
ڪالهه رهڻ ڪنان۔
گهاو ڀرجي ويا
منهنجي ڇاتيءَ مٿان
ڪيڏا ڪارن گلابن جا ٻوٽا هيا!
ويرين هيءَ شڪايت نه مون سان ڪئي
ويڙهه ۾ وار مون ڪنهن تي اوچا ڪيا
هو مرڻ ميٺوءَ نه مارڻ جو ڏر
ها، مگر

Gul Hayat Institute

رڻ جي ڄرڄرِ ڪندڙ ريت تي
دور ڪيلاش تان
چنڊ هيمنت جو
منهنجي منِ ڪيِ سڏائپن سڏيندو رهيو-

Gul Hayat Institute

---

ڪيلاش- هماليہ ۾ هڪ اوچي پهاڙ جو نالو
هيمنت - سيارو (نومبر - ڊسمبر)
آؤچا - ڪمينائيءَ سان ڀريل، نفرت جهڙا

چا ٿو سوچي ڇاڇرو!

ٽرتي ٻانجهه، آنهيءَ ۾ ڇاهي؟
ٻيٽ ٻيٽ ڪنهن تي ولنگر آ
جنهن ۾ ڪائي ڏار نه آهي!

هيل گهٽا گهنگهور نه ڪائي
آنڌي زوران زور نه ڪائي
مور ميگهه ڪي ٽاڙن ٻينا
ٽاڙا ايئن تنولين ٿا ڇتن
انڌي آپ ڪي ڦاڙن ٻينا:
برس برس ڙي بادل هائي
ڏاڍا ڏينهن لڳايا تيِ!
ديس ديس ۾ دور دور تي
ڪيڏا مينهن وسايا تيِ!
اچ، اچ ٻوڙان ٻوڙ هلي آ!
وڏ ٽڙي جون گوليون تائي
هائي تابڙتوڙ هلي آ!
گرج گرج بانورجيِ بادل
گرج گرج، ڪر گوڙ، هلي آ!
ڏنوانن جا ڏوڙي ڏڙڪن
جن ميڙي آ موڙي ڏڙڪن
ڏاڍن ۾ ڏهڪاءَ وجهي ڇڏ!
ٻٽ ٻهاڙن ڪي ٻاڙن ڪان

Gul Hayat Institute

ٻولارَن ٻڙلاوَ وجهي ڇڏ!
رهزن لوڙهي ڇڏ ريلن ۾
ڏس! ڪيڏي آ ورهه ويلن ۾
گرج گرج ڙي، برس برس ڙي!
تلسارين تي ڪو نه ترس ڙي!
ڇوها! ٿي نه مٿاڇرو!

ڇا تو سوچي ڇاڇرو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

Gul Hayat Institute

آءٌ امرتا پريتم تنهنجو
وارث شاهه نہ آهيان

قبرن مان ڳالهايان ويٺو
پريت پراڻيءَ جون سڀ ڳالهيون
ورهين کان ورجايان ويٺو

تنهنجا منهنجا سڀ جا ڏکڙا
گيت گيت ۾ ڳايان ويٺو

ميت ميت کي مرهم آڇي
جهونا ڦٽ ڇُٽايان ويٺو

مان ئي رانجهو، مان ئي ونجهلي
جهومي جهنگ، نچايان ويٺو
پنج ند پرچايان ويٺو

Gul Hayat Institute

آءٌ امرتا پريتم تنهنجو
وارث شاهه نہ آهيان

اجا بہ ڪوري ڪتّي
منهنجي من ۾
پريت جا ڌاڳا ڪتّي!

آءٌ ڪبير نہ آهيان، ها پر
سوچ تہ ساڳي آهي
من ويراڳي آهي۔

جنم مرڻ جي وچ ۾ ندي
ڪري نانگ جهڙن لهرا۔
پريت مٿان سئو پهرا
هن نفرت ۽ خوف جي دنيا
۾ جي ڌاڳا
راڪي ٻنڌڻ ٻڌجي سگهندا
ها، هـا اهڙا
پريت جا ڌاڳا ڪتّي!
اجا بہ ڪوري ڪتّي
منهنجي من ۾
چوري چوري ڪتّي.

Gul Hayat Institute

پريم ڊِواني ميران روئي
ڇا ڪان شيام نه آيو؟

ماڌوريءَ جي مهڪ اچي ٿي،
دورڪدم تان ڪويل ڪوڪي،
ڪنهن جي سُڌِ سُگند اچي ٿي
منهنجو مَن هرڪايو؟
ڇا ڪان شيام نه آيو؟

مَن مرجهايل ڦول هجي جئن
سانجهه سَمِهُ ڳوڏول هجي جئن،
گوالا آيا ڳايون آيون
منهنجو جيءُ گهٻرايو
ڇا ڪان شيام نه آيو؟

سانورڙا! مان ساڳي آهيان
تو لئه راتيون جاڳي آهيان
منهنجا انگ اڇا ٻه نچن ٿا
ڳاهون تنهنجون ڳايو،
ڇا ڪان شيام نه آيو؟

Gul Hayat Institute

آنڌرا ديش جي سندر ناري!
تون جا ڪاري پٿر جي جڙ مورتي آهين،
ڪير چوي بدصورتي آهين!
سُندر رجني! روپ ته آهي ڪاڙيارو
اڇي جو يا ڪاري جو؛
تون ته اجنتا، ايلورا جئن پياري آهين
ڪاريءَ ڪويل جهي ڪوڪو جئن
انگ انگ متوازي آهين
تون اوشا کان نياري آهين،
ٿر جي ريتيءَ تي ڪولهڻ جئن
سگهڙ آنهه، سگهاري آهين:
وَنَّ واس بن ڪا شيءِ ناهي
پيار پياس بن ڪا شيءِ ناهي—
تنهنجا چَپَّ ڄڻ ڪا شيءِ پيالا
آلا آلا
مُنهن مان مُنهن ۾ امرت اوتن
جڳ جڳ جيءَ جوالا—
تـون ڪيڏي آجياري آهين
ناري، تون جا ڪاري آهين!

Gul Hayat Institute

ڪيڏي ڏَپَ آٿي آ اُن مان
ڪُتا ڀونڪِ پَٽِين ٿا
ڀِپَ اُنهن جا پَرڻا ناهن
بيٺا چَپَ چَٽِن ٿا
اندر مان اوڳاڇي سڀ ڪجھ
ٻاهر ڇاٽَ ڇٽن ٿا

ڏينهن تتي جو ڪَنڊيءَ ڪامون
پيلا گُل ڇاڻن ٿيون
ڪانوَ ڪُمهلا، تن جي ’ڪان‘ ’ڪان‘
تير جيان تاڻن ٿيون
پنهنجي هيٺان پوري پَٽَ کي
ڪرڻن سان واڻن ٿيون

نيٺ گهٽائون پرجِي، ٿينديون
سانوڻ جون وسڪارون
گوڙجِي گوڙجِي نيٺ ته ڀڃي
لوءِ سڄي للڪارون
تاوَ تتيءَ جا ڪيسين هوندا
ماڻهن مَٿَ مِيارون!

Gul Hayat Institute

پن لڏِي انجير جا
ٿا هڻن ڇڻ ريگ مالَ
پوءِ بہ آهي
رُح هوا جو داغُ داغَ۔

هو مٿان ڪارا ڪُلاغَ
ڪالهہ جئن ’ڪان ڪان‘ ڪَري
آسمانن کي پري
بي سري آواز سان
آرزوءَ جا نيڻ کولن ٿا پيا۔

ءِ نئون رهبر وري
زندگيءَ جي ساز کي
هيلِ جي مضراب جئن ڇيڙي پيو۔

ڏينهُن پر ڪيڙي پيو
اڄ جيان هاري نڌال،
رات جو ليٽِي آئين ئي ڪَٽَ تي تارا ڪٿيون ميڙي پيو.

Gul Hayat Institute

هي جي پوڙ پُلاوَن وارا
سياسي ڳالهيون ڪَن ٿا،
آزاديءَ جي نالي تي جنُ
وَر وَر گهورَ وڃن ٿا
وَڏَ وَڏيرا
ڳنڍ ڳنڍ ڳيرا
هي جي بيان ڏين ٿا،
’ڪيرنسڪي‘ ٻہ تہ ناهن!
انقلاب ٿا چاهن؟
هو جي پڳڙن مٿ تي گهاري
پنهنجي نفس ڪي ملوي
پيٽ ٻڪين لئہ وڙهندا آهن
پيٽ پرين ڪان چڙندا آهن
سي ڪيڏانهن ويا آهن؟
ءَ جي ڪاٿِ پيا آهن
چا تن ۾ ڪو لهنن آهي؟
هن ترتيءَ جو لينن آهي؟؟؟....

Gul Hayat Institute

چانڊڪا تي
چنڊ جون ڳالهيون ته ٻڌ!
تو چوي،
”موت ڏي ڪلنڊو وڃي
”ڪيڪارَ ڪر.
”جي ملهي مُرڪي مٺا
”سي يارَ ڪر.
”گهوٽ آهين جي ته تون
”سوري ڏسي سينگارَ ڪر
”عشق سان اقرارَ ڪر
”اِئن ڏسن تنهنجون اکيون
”حُسن اڳ ڪان سرس ٿئي
”پيارَ، اهڙا پيارَ ڪر!“

چانڊڪا تي
چنڊ جون ڳالهيون ته ٻڌ!

Gul Hayat Institute

فون اچي ٿو
منهنجي پٽ جو
ڊبلن مان-
سکر ۾ آرام وسن ٿا
جوُن جهتر جهڙو آهي،
ٻاهر ڪيڏو جهولو آهي
پر ڊبلن ۾ سردي ٿئي ٿي
مينهن وسي ٿو-

دنيا ڪيڏي ننڍڙي آهي
چڻ ڪا وڻ جي ٽِنڊڙي آهي،
ڪن کي رنگَ ورهايو آهي
ڪن کي نسلَ پراڻي نفرت سان
آپس ۾ اٽڪايو آهي
قومن جا قومن جي اندر
وحشي ڏند ڪيُتا آهن،
مذهب، قوم پرستي، ٻولي
ماڻهن لاءِ ڪُتا آهن؛
ماڻهو ڇڙ ته ڪُتا آهن
بات بات تي ڪُرڪي، پنهنجا
ڪاٺينا ڏيکارن ٿا
آيري چيرن ڦاڙن ٿا
گوليون تائي مارن ٿا

ٻم هڻن ٿا، زهري جيت اُڇلائن ٿا
دور خلا مان ڌرتيءَ کي دهڪائن ٿا
هڪٻئي تي ويساهه نه ڪن ٿا
چڙ هڪٻئي کي ڪائن ٿا
ديس ديس جا ورديءَ وارا
پنهنجيءَ پنهنجيءَ جنتا کي هيسائن ٿا
پونجيءَ وارا
ڇا ڇا قُدرت لائن ٿا،
اوڏر تي هٿيار ڏئي، هو
دنيا کي ويڙهائن ٿا
هن ڌرتيءَ کي ناس ڪرڻ جا
ڪيڏا سانگ رچائن ٿا!
پانيان ڪنهن مغرب جي شاعر
مستقبل تي سوچي چيو آ،
”يون وچ سمنڊ آڏامي ويو آ
”گهيرُ هوا ۾ لوڏيائي آ“
ورديءَ وارا
پونجيءَ وارا
ٻئي ڌرتيءَ جا دشمن آهن
تن کان پاڻ ڇڏايون ڇو نه!
ديسن جون سيمائون واري
هڪڙو ديس ٺايون ڇو نه!

Gul Hayat Institute

ڏرتي ڪيڏي ننڍڙي آهي!
چو هئن وهم جي ڳنڍڙي آهي؟
امرت رس برسايون چو نه؟
سڀ سان پيار ورهايون چو نه؟

Gul Hayat Institute

آرهڙ جو اُڪاس ٻري ٿو
ڪانگُ لنوي ٿو ڪنڌيءَ تي —

نيٺ تہ ڌرتي
ويس وسڻ جا پائيندي
لوُسڻ جڏهن لهرائيندي!
لوءِ لڳي ٿي
آءٌ لڪان ٿو

لڪندي لڪندي سڄُ لهي ٿو
جڳُ چڙهي ٿو جنڊيءَ تي

رات اچي ٿي
گهر گهر ڏيئا ٽمڪن ٿا،
جن ۾ سپنا جهمڪن ٿا،
ننڊ اچي ٿي
آءٌ لڪان ٿو —

Gul Hayat Institute

گورڪَنَ
سنگِ لحد جن کي پٿيءَ تي آهن
پر ڪفن ڪونه اٿن
ورديون پاتي ٿا وڃن.
رتَ ريلا ٿو ڪري مينهن جيان
هو بکثي شينهن جيان
ٿا سچو ڏينهن گجن.
زندگانيءَ کي ڪا معنيٰ ناهي
بس رڳو موت کي معنيٰ آهي:
ڪوئي جنهن وقت مقابل ٿو ٿئي
هو به گوليون ٿو هلائي، ڦري قاتل ٿو ٿئي.
گورڪَنَ
سنگِ لحد جن جا ڪِري پيا آهن
۽ ڪفن ڪونه اٿن،
هيڏي هوڏي ٿا پڇن،
ورديون واتَ پٽي رتَ (جون) گرڙيون ڪن ٿيون:
ڌرتيءَ تي ٿا لڇن،
آجَ مرن،
مون کي پاٽيءَ جي ڪلي آهه مگر ڪهل آنهن لئه ناهي،
مون ۾ انسانُ جو زندهه آهي،

Gul Hayat Institute

پاڻ پاڻي پي، ڪليءَ کي ڪولي
هيٺ هاري ٿو مٿن مٿيءَ ٿي.



Gul Hayat Institute

چا چا من ۾ آئي ٿو
آدما چنڊ آمائي ٿو!
روجهه پڇن ٿا
واريءَ تان ڪُر اٿن ڪجن ٿا
جن ڌرتيءَ جا سنڌڪا آهن!
چا ٿا چاهن؟
تَل ترايون پٽ ٿي ريٿي،
مٽن تان ميٺي
هو ڪيڏانهن وڃن ٿا،
ڪنهن جي ڪونه مڃن ٿا!
ساري رات پيتن تان ڪتا
چنڊ ڏسي اوناڙون ڪن ٿا،
روجهه آنهن کي ڪونه ٻڌن ٿا
هو ڪيڏانهن وڃن ٿا؟
جهونجهڪڙي ۾ چاندوڪي، جئن
ماءُ ڳراليون پائي-
تن کي ڪيئن ميچائي؟
هو جي رڻ جا راهي آهن
ڪاري رڻ ۾ مرڻا آهن
واپس مور نه ورڻا آهن،
ڏينهن تتي جي ناهر جا ننهن
تن جي ماس ۾ کُپڻا آهن
'چنڊ سدائين رهڻو آهي'-
آن وشواس ۾ کُپڻا آهن

Gul Hayat Institute

پو بہ پيتن ٽان
روجھہ پڇن ٽا
واريءَ ٽان ڳُر ايئن ڪڇن ٽا
چڻ ڌرتيءَ جا سڏڪا آھن!



Gul Hayat Institute

ڏرتيءَ جي سنسان ڊگر تي
نيل گگن جا نيڻ ڏسن ٿا،
رجنيءَ جي ساري سُندرتا
ڪهڙي راهيءَ کي ڳولي ٿي؟

ڪير پرهه جو ڪانڪي آهي
جو اوندهه ۾ گم ٿي ويو آ،
ڏرتيءَ جي سنسان ڊگر تي
ويندي جنهن جا پير لڳن ٿا،
جنهن کي هر هر نيڻ ڏسن ٿا
نيل گگن جا؟

پنڌ پرهه ڏي ڪُنٿو ناهي
نيل گگن جا نيڻ ٿمن ٿا
واٽهڙوءَ تي ماڪ وسي ٿي
ڏرتيءَ جي سنسان ڊگر تي
ننڊ نگر تي

Gul Hayat Institute

باک ڦٽي آ
ماڪ ڦڙن جي ڇڻ ڇڻ ٿئي ٿي
منهنجي ديوي!
ٽارَ ٽارَ کي بسنت جي چڻ پياس لڳي آ
ڦول ڦول هڪ ڳاڙهي مڌ جو پيالو آهي
جنهن ۾ باک اُجالو آهي؛
آءُ، ڪُلهي تي ڪينر، پڙ جڻ
تنهنجي در تي آيو آهيان:
رُت بدلي آ
باک ڦٽي آ
وَڻَ وَڻَ هيئين هُرکُر آهي
چُوڻ چُون آهي چُرپُر آهي،
آءُ وري ڳائڻ چاهيان ٿو
ٿو ڪي پنهنجي من جي مالها
آءُ وري پائڻ چاهيان ٿو
گيت چپن تي بيتا آهن
تون ئي ڏس وَڻَ واسُ اُنهن جو
هيل ته ساري ڌرتي ۽ آڪاس اُنهن جو
مان ته رڳو هي، چاڻان ٿو
ٽارَ ٽارَ جڻ منهنجي من کي
بسنت رُت جي پياس لڳي آ
گيت گُلن جڻ باک ڦٽيءَ جو

Gul Hayat Institute

ڳاڙهو مڌ پيارن ٿـا
منهنجو جيءُ جيارن ٿا—

Gul Hayat Institute

پيار ٿيا اغيار، چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!“

لوهو، پٿر، سي بہ ٺُٺن ٿا
مان تہ رڳو مهڪار، چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!“

توڙي مون ۾ اَڄ بہ ساڳي
آهي آپَ آڌار، چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!“

توڙي مون ۾ اڄ بہ آهن
پرديسين سان پيارَ، چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!“

توڙي ڏاڍ ڏمر لئہ آهي
مون کي اڄ بہ تڪار، چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!“

ڇا هو ڄاڻن ڪيئن ٺُٺن ٿا
طوفانن ۾ ڏار؟ چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!“

منهنجا پير اڳي کان اڳتي
پر منهنجا ساٿيار چون ٿا ”تون تہ ٺُٺي پيو آهين!

Gul Hayat Institute

نيٺ آهو طوفان اچي ويو
جنهن جي وڻ وڻ جي ڇاتيءَ ۾
ڪنبڻي هئي!

ڪيڏي آ گجگوڙ گهڻا ۾
ڪاريءَ ٻوڙان ٻوڙ گهڻا ۾
آتر ڏکڻ وچ وراڪا
چوڌاري چمڪات هوا ۾
وستيون ساريون واڪا واڪا
تارين جا تڙڪات هوا ۾
پاڙن تائين ڏار ڏکن تا
پرلءَ ڪان پاتار ڏکن تا
ڏيان اندر ڏڏڪار ائين جئن
چولين جا چلڪات هوا ۾،
سارا سمنڊ پٽڻ کو چاهي
ايڏي آج آسات هوا ۾،
ڪيڏي آپ ولوڙ گهڻا ۾
ڪاريءَ ٻوڙان ٻوڙ گهڻا ۾!

مائڪووسڪي!
آٺويهه سئو سترهين ڪي تو جئن
ڪالهه ڏٺو هو،

Gul Hayat Institute

آءٌ ڏسان ٿو اڳتي ڇا ڇا
ٿورو پرتي ڪهڙا پاڇا
ڪهڙا پاڇا؟
ڪهڙا پاڇا؟؟؟....

Gul Hayat Institute

اج تہ اکن جون نيرڙيوَن ڦلڙيون
ڪنهن بيوه جي اکڙين وانگر
مُرجهايل مُرجهايل آهن؛

سڄّي عقابي چنبا آهي
وڻ ٽڻ چڻ ڪي پاريهر، جي
ڏونڌاڙيل، دهڪايل آهن؛

ڪانگ لنون تا
پر ڏنوٽيءَ ڪي جيئن ڏنوَن تا
گهبرايل گهبرايل آهن؛

هرڻيون رُجّ رُلايل آهن
گهايل آهن؛

سج جا ڪرڻا
ڏينهن تني جي پايل آهن
موت انوکو ناچ نچي ٿو،
آرهڙ جي آڪاس منجهان چڻ هيٺ اچي ٿو
ڪوئي آن ڪان ڪونہ بچي ٿو.

Gul Hayat Institute

كاش، هجان مان لهرن وانگر
كاش سگهان مان موتي!

"تو ايڏي پٽ ڪوهه ڪئي ڇو؟"
چنڊ کِلي ٿو
کِلَ نه اُن جي کوٽي!

ڪنڊيءَ تي ڪا ڇِڪَ نه آهي
سِڪَ نه آهي
سڀڪجهه آهه وڇوٽي؛

كاش سگهان مان موتي
كاش هجان مان لهرن وانگر!

Gul Hayat Institute

"تـو لـئـہ آءٌ آجـايـل آهيان،
"چا تـون پـاڻيءَ پيالو ٿيندينءَ؟
"چا تون منهنجا چَپَ چُميندينءَ؟" ـ
"تنهنجي لاءِ نہ آهيان".

"تـو لـئـہ آءٌ بکايـل آهيان،
"چا تـون منهنجي پنڊي ٿيندينءَ؟
"چا تون مون سان پيار وڌيدينءَ؟" ـ
"تنهنجي لاءِ نہ آهيان".

"ڏاڍو آءٌ ڏکـايـل آهـيـان،
"چا تـوُن مون کي آٿت ڏيندينءَ؟
"ساري رات پٽرڻـي ٿيندينءَ؟" ـ
"تنهنجي لاءِ نہ آهيان".

"ڏس، مان کيڏو گهايـل آهيان
"چا مون کي پنهنجا پَرَ ڏيندينءَ؟
"مون کي کنهن ککريءَ تي نيندينءَ؟" ـ
"تنهنجي لاءِ نہ آهيان".

"آءٌ تـہ کوئـي سپنـو آهيان
"بـرفـانـي کُهسارن ۾ کـو
"جهـر جهـر جيوَن جهرڻـو آهيان
"تنهن پنڇيءَ جـو پـاڇو آهيان

Gul Hayat Institute

"جنهن کي ڪنهن به نه پڪڙيو آهي؛
"جنهن کي ڪنهن به نه جڪڙيو آهي
"اهڙيءَ خوشبوءِ وانگر آهيان
"پل جي جادوءَ وانگر آهيان،
"منهنجين اکڙين ۾ اڙبينءَ تون؟
"منهنجي جادوءَ ۾ جڙبينءَ تون؟"

"تنهنجي لاءِ تہ آهيان
"ساجن!
"تنهنجي لاءِ تہ آهيان"

Gul Hayat Institute

ناهي کو آڪاس
ڪراچيءَ ۾!

دونهون دونهون سارا ماڙا
چئرنگي چا چاڪي واڙا
چنڊ ڪٿي ڪٿن سُواس
ڪراچيءَ ۾!

ڏيک تيو آ ڪارو ناڻو
ڪاٿو راڻي اگهه وڪاڻو
مومل چاهي؟ ماس
ڪراچيءَ ۾

پاڪ ڏنو آ ڪنهن کي پيڙو!
ڪوٺيءَ جو مالڪ هي ڪيڙو؟
مهڪي موتئي واس
ڪراچيءَ ۾

Gul Hayat Institute

"سيٺ! گلاب!
"جِهڙي تنهنجي جوءِ پيارا
"اهڙا پيارا
"مون وٽ سيٺ، گلاب!

"اگهه انهن جو؟ ايڏي جهڪ جهڪ!
"تنهنجي جڳ مڳ جوءِ گهٽي ۾؟
"ڪپاڙها ڪَلَّ ابوءِ، گهٽي ۾؟
"نوڪر، چاڪر، موٽر، ڪوٺي
"سڀ تي، ڪيڏي لاڳيت تنهنجي
"جنهن سان سُرها خواب؟...
"مون وٽ سيٺ، گلاب!
"جِهڙي تنهنجي جوءِ پيارا
"اهڙا پيارا
"مون وٽ سُرها خواب
"مون وٽ سيٺ، گلاب!"

Gul Hayat Institute

ميز مٿان هُو مُڪَّ هڻن ٿا
اُٺويهہ سَوهُہ سترهين جي وڻ مان
پَنَّ ڇڻن ٿا۔
ڇا سوچن ٿا؟
ڇا هيءَ ساڳي دنيا آهي؟
هُو لينن ۾ ڇا لوچن ٿا؟
چاٺن ٿا ته اڇوڪا آمر
رومانوف نه آهن؟
ڊوسٽو وسسڪيءَ وانگر ڪنهن کي
ڪوڙا خوف نه آهن؟
اڄ ڪلهہ ڇا جلاد نه ساڳيا،
اڄ ڪلهہ ڇا پرويز نه ساڳيا
اڄ ڪلهہ ڇا فرهاد نه ساڳيا۔
ڏونگر ڏرندو
ها پر ان مان
کير جي ندي وهٽي ناهي
خون جي ندي وهٽي آهي۔
منهنجي ڳالهہ ٻڌي هو مون تي
ڪاوڙ ڪن ٿا
ميز مٿان هڪ مُڪَّ هڻن ٿا۔

Gul Hayat Institute

هائي سو طوفان نہ آهي
جنهن مون کي کلهہ ڏوڙيو هو.

هاڻي تون هر جاءِ نہ آهين،
وڻ ٽڻ واٽون، چانوَ ڇپر جهڙي
ڇات ڇمر جهڙي
سڀ ۾ تنهنجو واسُ نہ آهي،
سڀ ۾ تنهنجو روپ نہ آهي؛
تون پونم جي رات نہ آهين
سانوڻ جي برسات نہ آهين
ڪويل ڪُوآو، ڪُوآو، ڪُوآو
اڄ تون تنهنجي تات نہ آهين،
راتڙين ۾ نانهہ رتل تون
تارن جي بارات نہ آهين؛
چنگ، چڙا سڀ چُپ ۾ آهن
گهاٽ گهڙا سڀ اڳ جئن ناهن؛
اڄ مُرليءَ جي تانَ پرّاران
تو تي تير نہ تاڻي ٿي،
تنهنجي پريت نہ ٻيوس آهي
گهر جي ساکَ سُڃاڻي ٿي!
هاڻي تون هرجاءِ نہ آهين،
روپَ سجل سان پيون بہ نہ آهن
نيڻ ڪجل سان ٻيا بہ نہ آهن؛

Gul Hayat Institute

دل ڪي ڏيـر اڇي ويـو آهي،
دل ايـڏي ويـران نـہ آهـي،
هائـي سو طوفـان نـہ آهـي
جنهن مون ڪي ڪلهہ ڏوڙيو هو.

Gul Hayat Institute

بس، ڪافي پٽ ڪوهه ڪئيسين
اي دل، هاڻي بس ڪر!

تنهنجي ڏک ڏک ايئن لڳي ٿي
منهنجا پير پهاڙن تي چڙهن،
پٽ پٿراوان، ساڳي هڻ هڻ،
واٽ نه وڻ ٽڻ!
پوءِ به پٽ تي ڪونه ڏسون ٿا
هن جيئڻ جي هيڏيءَ ساريءَ
جٽ تي ڪونه ڏسون ٿا!
نانءُ ڇڏيوسين
ڏرتيءَ تي ٿِرڻانءُ ڇڏيوسين
پنهنجي من جي پيچي ڪارڻ
ڏن جو پيچو ڪونه ڪيوسين
نيڻ پڃي پيا ويڻ ٻڌاسين
ڪجهه به ورائي ڪونه چيوسين؛
ڪيئي ورهيه ورهه پيتي آهي،
ماڻهن ليڪي هارائي آ
سچ ته بازي جيتي آهي؛
سچ جي راهه انوکي آهي
ڪيڏا لڪ لتاڙيا آهن!
سچ پهاڙن جي پٽ تان آ
سانجهيءَ سِڱ سلهاڙيا آهن
ڏاڍو ڏور ڇنٽانن جا

Gul Hayat Institute

پنهنجو پينڊ نہ پڄڻو آهي
’اَڄُ سياڻي‘ بَس ڪر!
اي دل هاڻي، بَس ڪر!

Gul Hayat Institute

هو وردين سان جيپ منجهاران
ٽڙاڪ ٽڪ ٽڪ ڪن ٿيا

ماٺيهو ميٺ ڪيرن ٿا
ڦرڙين جيئن ڦيرن ٿا
ميڙ
هزارين ڪمڙ،
ٽڌا ۽ ٽيڙ،
وڌن ٿا
جيپ منجهاران
ٽڙاڪ ٽڪ ٽڪ ڪن ٿا

پُٺ تي پير هڻن ٿا
هَلَّ تين ٿا
ٻَلَّ ڏين ٿا
جهنڊا اوچا ڪن ٿا
ڪنهن جي ڪونه ٻُڌن ٿا،
لاڙ
ڪيئي جن جاڙ
آنهن جي پاڙ
پٽن ٿا،
گولين ڪان نه هٽن ٿا؛
جيپ منجهاران
ٽڙاڪ ٽڪ ٽڪ ڪن ٿا

Gul Hayat Institute



هو تاڻن بندوقون تن تي
هي سينا تاڻن تا.

املتاس جا وڻ رستي تي
پيلا گُل چاڙهن تا
رَتُ جي ڳاڙهيري ريلي تي
پيلا گُل چاڙهن تا.



Gul Hayat Institute

برسهي،
هاءِ نہ ترسهي ٻاڏل!

سڙهو جل ٿل
ڇگون ڇولڻيون،
لسيون لوڙيون
ماڻيون، ماڻيون،
پنيرڪي جو پٿوني تي پاٿا،
چاڏيون، چاٺا،
وَرت [illegible]،
ڪُوهن ٻوڙڪا،
ٻانهون، ٻهڙا،
ڪَنج، ڪنوڻ ۾
جهانجهر جهلڪا؛
ڏرتي چمڇم
سانجهي ٿي آ
آرتي چمچم،
مينهن ڦڙيون
ٻوياڙيءَ پاڇا،
ويندي ويندي
ڪنهن ڪيتيءَ سان
يا ريتيءَ سان
سيج چنڊ جي
مرڪ وندينداي

بادل دوُر هليو ويو آهي—
ڪاروڻيار اڇي ٿو ڀَٽاهي
برسي برسي بادل آن ۾
پيهي ويٺو،
جل ٿل جو پرڻهي ويٺو
ڪنهن جي لاءِ نه ترسي بادل
برسي،
هاڻ نه ترسي بادل!

Gul Hayat Institute

آءٌ لڏان ٿو
ڪينجهر جي هندوري ۾ —

دور، وهلڻو ٽٻيءَ وانگر
پنهنجي جهڙي پوري ۾ —
آڙيــن جــا آواز اچــن ٿــا،
پيچ پنيءَ جـا ڪارا ڪپڙا
ڇهڪ ڏئي ڪو ڦاڙي ٿـو
پوري بـاک اگهاڙي ٿـو،
ڳاڙهـو سج اُپاري ٿـو
ڪينجهر جڻ ڪا ڪاهيءَ وانگر
نوريءَ ڏانهن نهاري ٿو —
ڪير پڏي ٿو دل کي دل سان
اڄ ريشم جي ڏوري ۾
ڪينجهر جي هندوري ۾؟

Gul Hayat Institute

ٽٻي — پاڻيءَ جو پکي

ٿيمس نديءَ لٿين ـ
سڄُ لٿو آ!
نديءَ تو جيئن تلڪ هنيو آ ـ
گيتا!
آهيون تون مان پاڇا
جن نديءَ جي پاڻيءَ ۾
ڪيئي سال ٿيا جو تو مان
هيٺ ڏٺو هو بيهي پر تان
سرسوتيءَ جي پاڻيءَ ۾
تو مون کي ٻنهي کي ٻڌو هو
رَمزي راڳ ڳائيندي ٻُڌن.
ڪيئن چوان، ڪيئن گذريو جيوَن!
بس، هي سوچي ٿو منهنجو من،
”لهريون، پاڇا روز ملن ٿا
”اوندا هي سناٽي سان“
گيتا، ٿي هيڏانهن! وڃي ٿي
ٻس وڏي زناٽي سان....

Gul Hayat Institute

---

سرسوتي ـ ندي، جا دهليءَ جي اُتر اوڀر ۾ پهاڙن مان نڪري ٿي ۽ ڏکڻ اولهه طرف وڃي، واريءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

آنيءَ جئن آڪاس،
مڇي پرڪرتيءَ وانگر
چوڌاري بسي انت سمندر،
جنهن ۾ ڪيئي مڇيون آهن
ها، ڪيئي پرڪرتيون آهن!
آنيءَ جي ڪَين ترتيءَ وانگر
چوڌاري بسي انتر سمندر!

Gul Hayat Institute

ڪيڏو آهه آلوڏو جيون
لوڻ رڳو ڳوڙهن ۾ آهي!

نيرن ٻلران ڪوپ ڇانهه جو
’هفتي وار‘ ۾ ايٿوپيا جا
ننگا فوٽا
ڪنگيءَ ورتل ٻار، انهن جا
پيٽ پٽيءَ سان، هڙٻون نڪتل
هڏ - پڃرا، پاسيريون نڪتل؛
موت انهن جي ماٺڪين مان
جيئڻ تي ٿڪار ڪري ٿو،
۽ ڪوئي جنهن وقت مري ٿو
ڪارا ڪانوَ، ٻڪايل ڪُتا
۽ ڪيئي ڪيڙا ماڪوڙا
اُن کي چٽڪَ هڻن ٿا -
واهولن جئن ايٿوپيا جا
’هفتي وار‘ ۾ ننگا فوٽا
مون کي ڏنگَ هڻن ٿا -
هن ڌرتيءَ تي ڪوبه نه ڪونهي
جيڪو هن اَنڌير کي ٽاري
ٻک نِواري، ڏک نِواري
مائو! تون به مري ويو آهين

Gul Hayat Institute

پيلا ٽِـنڊڻ! پنهنجي ٻِـــرِ ۾
ٽاڻي سنگ ڏري ويـــو آهين،
هاڻي ڪو ٻہ تہ ڪونهي!
تو جهڙو ٻہ تہ ڪونهي!

Gul Hayat Institute

بس، مٽن جو بس، هنيائون
تامل پار مري ويا آهن.

هر ماڻهوءَ سان ڪالهہ سدارت!
پيار ڪيو هو تو پاليءَ ۾،
ڪيئن شيراڪ تنهنجا ايڏو
ساڙ، سکيا اڄ سنهاليءَ ۾؟

مان پانيان تنو سچ، چيو آ
'پاپڊير، ڏکاري آهي'
ڪوبہ پسون اَن جهڙو ناهي
ماڻهو آتياچاري آهي

هاڻ تہ چڻ گنڌرو رئن تا
ماڻهوءَ جي هر منوَرتيءَ تي
آهہ اُپاسڪ آزاديءَ جو
هرڪوئي ڪُڪرمي ڌرتيءَ تي

مون تہ ڏٺو آ ڪرانتيڪاري
بانس جي ڦل جئن ناس ٿين تا *
مارا جي تاريءَ تي ڪن پل
پُشپ پاپ جا واس ڏين تا

Gul Hayat Institute

مَوت اُنهن جو ڪانڪِي آهي
موت سدائين جي گهولن تا
جيئڻ جي نالي ۾ مورک
ڪيڏا سانگ مرڻ جا ڪَن تا

ڪيڏا لوڀل لاش ڪنيائون
تامل ڀار مري ويا آهن!

Gul Hayat Institute

---

شِراوڪ – ٻڌ ڌرم جو اُپديش ٻڌندڙ
سِهالي – سري لنڪا جي ٻوڌي جنتا جي ٻولي
گَندَرُوَ – ديوتائون، جيِ اِندر جي سُرگ ۾ رهن تا
اُپاسڪ – پوڄاري
* بانس ڦل ڏيندي، ڪري پوندي آهي، يا ڦل ڪري ته ڪيس ڪپي وجهندا آهن.
مارا – ٻڌ ڌرم ۾ موت جي ديوتا جو نالو

## رڳو محبت ناهي، ڪيڙو!

دنيا ۾ قاديانـي آهـن
۽ ڪيئي ڏيئوالا آهن؛
بازارين ۾ ڦالا آهن،
هُنڊيون آهن،
ساڙ - وير جو بُنڊيون آهن،
آفت جا پرڪالا آهن؛
ڪيئي سُود آڳاڙڻ وارا
لالا آهن؛
جيڏا ڪوڙا آهن تيڏا
بول آنهن جا ٻالا آهن؛
اخبارن ۾
ڪيڏا مرچ مسالا آهن!
ڪابيءَ ٽر ۽ ساڃيءَ ٽر ۾
گارين جا پرنالا آهن؛
صوفي ڪيئن چون ٿا ڪونهن
آهن، هي سڀ سالا آهن!
اولهه وارا، اوڀر وارا
سڀ جي دال ۾ ڪالا آهن،
هرڪو پنهنجي سُوارٿ جو آ
سڀ مڪڙيءَ جا جالا آهن؛
پانڊين جي پيرن ۾ ڪيڏا
ڇپر ڇپر جا ڇالا آهن!

Gul Hayat Institute

ترس، خلاصان ٻَهِرَ ڪرڻ ڏي
اڇا سمنڊر آلا آهن!
دنيا ڪا زابيل نہ آهي!
ڊيل نہ آهي!
تنهنجا تيل قليل نہ آهي!

ڪيرو، دنيا رڳو محبت ناهي!
رڳو محبت ناهي!

Gul Hayat Institute

تون ھي ھيرو ڪَٽُ تہ ھيرو ٿئي!
ھيرو ھونءَ تہ پٿر آھي
جيسين اُن کي ڪوئي ڏاھي،
تون ھي ھيرو ڪَٽُ تہ ھيرو ٿئي!

رنگ گُلن جو مَٽُ تہ خوشبو ٿئي!
جئن جئن رنگ ۾ ڦيرو ايندو
تئن تئن واسُ پليرو ٿيندو
رنگ گُلن جو مَٽُ تہ خوشبو ٿئي!

باب برھہ جو پَٽُ تہ دل جي راھہ کُلي!
شاعر ٻول جڏھن ٻولين ٿا
دنيا لئہ راھون کولين ٿا
باب برھہ جو پَٽُ تہ دل جي راھہ کُلي!

Gul Hayat Institute

شام جي گلاسن ۾
سيجَ ڏيئڙائي ٿو
ٻير جي ڳڙجيءَ هيٺان
روپ کو پسائي ٿو

زندگي اڙي جانان!
سَوَ مَسرتُون آهي،
تو جيان سوين چهرا
جيءَ جيترا چاهي،

پوءِ به تون نه ٿي وسرين
روز ياد آئي آن
شام جي گلاسن ۾
سيجَ جئن سمائي آن

سال ٿي ويا آهن
تون نظر کان اوجهل آن
پوءِ به من ۾ ڪُوڪين ٿي
تون جا منهنجي ڪويل آن؛

Gul Hayat Institute

منهنجي رُت نہ گذري وئي
تنهنجي رُت اچا ٻيي آ
ڪوڪَ تنهنجي ڪويليا!
اڄ ٻڌاءِ ڪنهن جي آ؟

Gul Hayat Institute

هڪ هڪ ٿيندا غرق ٿين ٿا
ساٿي تنهن گرداب ڦنبا ۾
جنهن مان ڪوبہ نہ نڪتو آهي-
ڌرتيءَ آڪاس، آنهيءَ ۾
ڦيرا ڪن ٿا،
ڪيڏا سانجهہ سويرا ڪن ٿا!
ڪيڏا تارا ٽمٽمو ڪن ٿا
روشنين جي ڙم جهم ڪن ٿا!
باک ڦٽيءَ جو تن جي ٽمٽم
جڻ تارين تي چڻون چڻون ٿئي ٿي،
ماڪيءَ جي مانارن جي جڻ
ڀڻون ڀڻون ٿئي ٿي،
نار هلي ٿو، رڻن رڻن ٿئي ٿي:
ڳاڙيءَ تي ويهي نهنگ رڙو
پنهنجا وهٽ هلائي ٿو،
پنهنجيءَ ٻچڪر ۾ ڌرتيءَ جا
سارا سڏ سمائي ٿو،
مالهہ جيان سنسار ڦري ٿو
ڪيئي ڪينگر روز ٽٽن ٿا
روز ڪٽن ٿا،
ڪيئي جوڙا روز جٽن ٿا
تيزيءَ سان هر وقت ڦرن ٿا

Gul Hayat Institute

سيئي ڪنهن گرداب ۾ فنا ۾
جنهن مان ڪوبہ نہ نڪتو آهي!

Gul Hayat Institute

## ريشم! ايڏو موت مِٺو آ؟

آن جا سپنا نيارا آهن؟
هر سپني کان پيارا آهن؟
سمنڊ جيان بي انت، نه ناهي!
ڪاريءَ رات ڪنارا آهن؟
جن تي يسار ڦرن، چا اهڙا
چانڊوڪيءَ جا چارا آهن؟
جڳ سارو آ جهرمر جهرمر
تنهنجي سنگ ستارا آهن؟
تون، مان، چانو گلن جي ـ تو کي
سرتيي کي سانيارا آهن؟
يا هين جڳ ۽ هُن جڳ وچ ۾
ويسر جا وسڪارا آهن؟

تو وٽ ننڊ ابد جي آهي،
يا جاڳين ٿي، ڏينهن ڏٺو آ؟

Gul Hayat Institute

* مرحوم ريشم، جا جوانيءَ ۾ گذاري وئي

’غالب‘ تي يا لالي و گل تي
مِٽي پوءِ بہ مِٽي هئي

ڪُنجِ قفس يا ڪُنجِ چمن ۾
نغمہ سرا تہ بُلبُل ٿي،
مٽي پوءِ بہ مٽي هئي

چشمِ ساغر ۾ حيرت ٿي
ميخاني ڪان ٻاهر غُل ٿي،
مٽي پوءِ بہ مٽي هئي

نيٺ ستارن تائين پهتي
نيٺ تہ ڍرتي اوچو تل ٿي،
مٽي پوءِ بہ مٽي هئي

Gul Hayat Institute

---

* سب کہاں کچھ لالہ و گل میں نمایاں ہوگئیں
خاک میں کیا صورتیں ہونگی کہ پنہاں ہوگئیں
(غالب)

ڪير پرانهين پار وڃن ٿا
لوءِ چڙهي لاڏائو ڪن ٿا

دور اُفق تي جهوڪ ٻڌل آ
جن تي اُن جا ٿوها ڪائي
اِنگڙ ونگڙ ليڪ ڪڍن ٿا!
هيءَ ڪنهن جي جهونگار اچي ٿي
”موت رڳو هڪ سنسو آهي
”مري به تون مان مرنا ناهيون
”پرڪرتيءَ ۾ ڪيئي ڏرتيون
”ڪيئي جيءُ رهن ٿا جن تي
”تن تي تون مان ورنا آهيون
”اڪيلي، اڪيلي وڃنو آهي
”موت نڪاڻو ناهي - ناهي
”پنڌ - پڄاڻو ناهي - ناهي
”پيو به جڳاڻو آهي - آهي“

Gul Hayat Institute

آتش دانُ وسامي ويو آ،
ڳالهه هيا ڪيڏا نه شرارا!
هاڻ رڳو هُو دور ستارا
مون تي ٽم ٽم ڪن ٿا،
ازل ابد جي ڪنهن رشتي ۾
مون کي ڇهن نه پڙن ٿا!

ڪيڏا گهاتا وار هيا جي
هاڻي روز ڇڻن ٿا!
اڇا ڪارا، ڇدا لوٺا
مون کي ڪونه وڻن ٿا.

ڪيڏيون ڦلواريون آيون ڪلهه
منَ - پوپٽ جي پيرن ۾،
رنگبرنگي ڦيرن ۾
بسنت رُت جهي
سُرهن سانجهه سويرن ۾!
پنک پنک تي ڇٽي پيو آ
ڇن جيوَن!
منهنجو من
دور فلڪ تي تارن سان ڳالهائي ٿو
ڳجهه ڳجهاندر ڳالهيون ٿن جون

Gul Hayat Institute

ڳائي ٿو،
پاڻ رڳو پرچائي ٿو
پاڻ رڳو پرچائي ٿو!



Gul Hayat Institute

او ٿاريساٽي!
پنهنجا پٽ پٽيهر جهڙا
ڪومل هٿڙا
رک تون منهنجي ماٿي تي
منهنجي ٻرندڙ ماٿي تي!

پٽياٽيءَ ۾ ٻُوند نه آهي
تترڪَهي آڪاسِ نه ڏسجي،
پکهرَ پکهرَ ڪانچُويا تن جا
ڪولهٽين ڪي اڄ راسُوڙا
راس نه آهن،
ڏُٻڙوالَ ڊراڙن جا گهر
چڻ ٿُوٺن ۾ آگ لڳي آ،
ڪيڏا آيءَ آلاوَ وچن تا
ڏينهن تتي جا تاوَ وچن تا!
اڄ لوليءَ جي لارَ نه آهي
ڪنهن ڇوَنري ۾!
گيت ڪئي گنجار نه آهي
ڪنهن ڇوَنري ۾،
ها، ڪو ڪاري ڪوسي رَتُ مان
گيت آيري تو،
پيڙهين جا پڙلاوَ اچن تا
ڪوسي رَتُ مان
آيري ڪيٽي گهاوُ اچن تا

Gul Hayat Institute

کوسي رَتُ مان،
ڏاڏن پــرڏاڏن جــا هــڏا
ڏاکولن جئن چيچ وجهن تــا؛
مگرَمان جئن رَتُ ٽهڪي ٿو
منهنجي نسُ نسُ مان ڀهڪي ٿو،
ڪارونجهر جون ڪارون رَتُ ۾
للڪــارون للڪــارون رَتُ ۾،
تــپي ويــو آ سارو تــن مــن
آرهــڙ جــي آڪاس جيان،
منهنجيءَ آرتــيءَ آس جيان!
کوبہ نــہ آهي جو آٿت ڏي،
رک تــون منهنجي ماٿي تي
پنــهنــجا پــَتَ پٽيهــر جــهــڙا
ڪومل هٿڙا
او ٿاريــائي!

Gul Hayat Institute

---

ٽترکَهي ــ ٽڪ ٽڪ ٿهليل بادل
ڪانچُويو ــ چاتيءَ جو اوڇڻ جنهن تي پيرت پريل ڪونہ هوندو آهي
ڏُيڙوال ــ کهرا ڪتا اوڍينا؟

منهنجا وَڏڙؤ! ڪِٿِئن ڇپايـانِ
آءٌ اوهان کـي شريـانين ۾؟

آءٌ اوهان جو نانءُ وٺي غدار ٿيان ٿو
ڇڻ ڌرتيءَ تي بـار ٿيان ٿـو،
ڌرتيءَ جـي تـاريخ اوهان ۾
ڪيڏي لنبي چيخ اوهـان ۾
ٻُوساٽيـل آ،
نـانءُ ڪتابـن ۾ ڪاٽيل آ!
ڳالهه اوهان جي ڪرڻي آ سُرڀاٽ ڪري
نانءُ نـہ وٺو آهي اوچو ڳاٽ ڪري
منهنجا وَڏڙؤ!
پور پور ۾ منهنجي ويهي شور ڪيو ٿا
شور بـہ زوران زور ڪيو ٿـا
طـوفـانـن جئن ويـرانين ۾!
ڪيئن ڇُپـايـانِ شريـانين ۾
آءٌ اوهان کي؟

Gul Hayat Institute

منهنجو هي مرجهايل چهرو
گُل جي آئيني ۾-
هاڻ آها مهڪار نه آهي
سيني جي سيني ۾!
ساڳيون گرم گداز نه راتيون
منهنجي پشميني ۾!

ڪيڏو پنڌ جواني مون سان
اڳتي نڪري آئي؟
ڪاٿ نئين پنيوري مون ڏي
رُتَ" نه پر پنيلائي،
ساري آءٌ سُڳنديون راهون
ڳوليان تو سَرهائي!

Gul Hayat Institute

ڏرتي! تـوکي منهنجي چُمّي
اڄ ۾ رهجي وينـدي ـ
ڏينهـن لـنـو آ
رَتُ کـڙو آ
چا ٿو سوچي سارتي!
مـَن ۾ اَن آ چا رتي؟

ڏرتـي! تنهنجي پاڪُر ۾ آ
مهڪ چنبيليءَ ولجي ـ
پـو بـہ سُگنڌن
کهڙا بـنـڌن؟
ڏينهـن لـنـو آ
رَتُ کـڙو آ
چا ٿو سوچي سارتي!
مـَن ۾ اَن آ چا رتي؟

ڏور ڏَسائـن ۾ او ڏرتـي!
چا تون وينديءَ وسري؟
مون سان رهنديءَ؟
مون ۾ کـَهنديءَ؟
ڏينهـن لـنـو آ
رَتُ کـڙو آ

Gul Hayat Institute

ڇا ٿو سوچي سارٿي!
مَن ۾ هُن آ ڇا رٿي؟

Gul Hayat Institute

# گیتء وایون



Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

چُپ اچي ويا چنگ چڙا-
پورنما
خاموشي درياهہ جيان آ-
پورنما
چنڊ به آهي ڪيڏا چهرا-
پورنما
سير جيان هي سارون، سپنا-
پورنما
آڌي رات، ٻڌيءَ جا پيڙا-
پورنما—

Gul Hayat Institute

ننڊ جـي ديـوار نيري
روپ سُندر چنـڊ جو!

رات جي پوئين پهر جهي
چاندنيءَ جئن آهه پيري،
ننڊ جي ديـوار نيري،
روپ سُندر چنـڊ جو!

موت ساڳو آهه سڀ لئه
ڇا فقيري ڇـا اميري!
ننڊ جـي ديـوار نيري
روپ سُندر چنـڊ جو!

ڪيستائـيـن آهه رهڻي
اي قفس تنهنجي اسيري؟
ننڊ جـي ديـوار نيري
روپ سُندر چنـڊ جو!

Gul Hayat Institute

مُنڌ ملي ميهار
ته چرڪا ڪير هڻيا؟
لهرين لُڙُ لهي ويا آخر
سانت وسي سنسارَ
ته چرڪا ڪير هڻيا؟
ساهه جڏهن ويساهه سماڻو
پيرَ ڪي پاتو پيارَ
ته چرڪا ڪير هڻيا؟
ياڳا ياڳا ڪير هڻي ڪلهه
مان نه هئيس منجهدارَ
ته چرڪا ڪير هڻيا؟

Gul Hayat Institute

پنڊ پنڊ پنڊالَ
ڳاڙهيءَ سانجهيءَ جو
ڳانءِ سچو ڪنهن ڳوزيءَ وانگر
مٿي ميـنديءَ ٿـالَ
ڳاڙهيءَ سانجهيءَ جو
اولـهه سارو رنگـڻ ڪيسري
ڪوٽن تـي ڪنمالَ
ڳاڙهيءَ سانجهيءَ جو
سـاڳي رات رُشانـي واري
ساڳـو پنهنجو حالَ
ڳاڙهيءَ سانجهيءَ جو.

Gul Hayat Institute

ساجن ـ ديس جــي مِٺي آنڊ
او پرديسي!
اچا تہ تو وٽ آهي رات آماوس جي
ڪتان چاندنــي چــٽــي آنڊ
او پرديسي!
ڪهڙو ڏک ڏيکاري سپ ڏک وارين تو؟
گهرِ گهرِ ڪهڙي گهِٽي آنڊ
او پرديسي!
لُڙَءَ لُڙَءَ مِ لڙهہ آيري وٺي، سڌ ورسري وٺي
چــا نــہ بـانسري پِٽي آنڊ
او پرديسي!
ساجن ـ ديس جــي مٺــي آنڊ
او پرديسي!

Gul Hayat Institute

لنبا لنبا دونهين جا
هُو سُرمائي نانگ تہ ڏس
سانجهيءَ جي آڪاس ۾!
هو پياري پيلاڻ آفق تي
تنهن ۾ ڪارا ڪانگ تہ ڏس
سانجهيءَ جي آڪاس ۾!
مسجد جا مينار آڏاڻا
دور سُريلي بانگ تہ ڏس
سانجهيءَ جي آڪاس ۾!
جهرمر جام ڀَريَ پيا آهن
سج لٿي جا سانگ تہ ڏِس
سانجهيءَ جي آڪاس ۾!

Gul Hayat Institute

ماڏوري مهڪي
تنهنجون ساروڻ ۽ سانورڙي
آنديون ڪامهڪي!
ساري گيت چڪورن جا، ٿي
چانڊوڪي ڇهڪي
مٺڙا تي ڪاٻ ميار نہ آهي
پنڻ پيئي ٻهڪي

Gul Hayat Institute

گيت گلن جهڙن آيرن تا
ڌرتيءَ مان

ڪي ڪي سرُ نيري انبر ۾
پنڇين وانگر آڏرن تا
ڌرتيءَ تان

دور امرتا جي سيما ڏي
ويندي راڳي ڳنڍرن تا
ڌرتيءَ ڪان

Gul Hayat Institute

تاريءِ گُل تيڙن تـا

واءِ سَرءِ جي تڪرائي تي
خوشبوءِ پير تيڙن تـا

مُرجهايل مُرجهايل چهرا
تن کان چَپ چيڙن تا

جيسين پيهر مند اچي تي
سَرها خواب ڪيڙن تـا

نغمـا نيتَ چيڙن تـا
تـاريءِ گـُل تيڙن تـا

Gul Hayat Institute

سُندرتا لئه وِلجهائين تا
ڪاڳر ڪورا
گيت گيت سان لهرائن تا
ڪاڳر ڪورا
سانجهيءَ تائي گهبرائن تا
ڪاڳر ڪورا
اونده ڪان اڪ پر ڳائن تا
ڪاڳر ڪورا

تُنهنجي سُواگت لئه اڇتو آ
ڪو واچوڙو
تي جيون جي جنه، اڇتو آ
ڪو واچوڙو
ڪڪ پن ٿيندا ڪٺه، اڇتو آ
ڪو واچوڙو
هارَ نه مڃ هٺه هٺه، اڇتو آ
ڪو واچوڙو

Gul Hayat Institute

سُنسان گلشيون
ويـــران رستـا

ڪيڏو اڪيلـو
انسان! رستـــا

آ چنڊ جن تـي
حيـران، رستـــا

سڀ پير پاڳل
نـــادان رستـا

هو دور تـــائين
ويـــران رستـا،

جئن تير ترڪش
امڪان رستـا

تيندا نـــه تيندا
طـوفـان رستا؟
طـوفـــان، رستـــــا
طـوفـــان، رستــــا

Gul Hayat Institute

موتي هَلُ!
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!

تـوڪـي رسـتـا روڪـِن ٿا
ٿـاڻي ٿـاڻـي ٽـوڪـِن ٿا
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!

سَڀُ سرايـون سَڄ اٿيئي
رُڃ اٿيئـي آڄ اٿيئـي؟
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!

پرڪيءَ سارا سانگَ سفر جا
ڪانگَ سفر جا، ٽانگَ سفر جا
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!
موتي هَلُ!

Gul Hayat Institute

آهه آئي ٿي، موڙ آئي ٿي
ڪارونجهر جي ڪور آئي ٿي
موٽي هَلُ!
موٽي هَلُ!
موٽي هَلُ!

Gul Hayat Institute

رات انڌيريءَ جي ڪِڙڪيءَ مان
مون چو ليئو پاتو،
ٻاهر چنڊ ڪڙو هو.

مون سوچيو تي ڪوبہ نہ ٻڌندو
گيت جڏهن مون ڳاتو:
ٻاهر چنڊ ڪڙو هو.

مون چيو ڪوبہ اڱڻ ۾ ڪونهي-
ڪنهن هي چاتيءَ لاتو؟
ٻاهر چنڊ ڪڙو هو.

اچرج آهي، آءُ نہ چاتو
ساڻوڻ جو مڌماتو
ٻاهر چنڊ ڪڙو هو.

Gul Hayat Institute

سَچَ جي نگر هلندين؟
پنڌ ڪجهه پريرو آ

ڏرتيءَ تي ڪِرڙن مان
گُل ڇِٽي ڪِريا آهن
ڇڻ تہ سونهن جا سانگي
سونهن ڪان ڦريا آهن

ڪانگَ نينهن جا نياپا
ڇڻ پُلي ويا آهن
ڪو ڏراڙ جو ڪونهي
ڏڻ رُلي ويا آهن

سَچَ جي نگر هلندين؟
ايترو نہ آ سَهنجو!
پاڻَ واهرو ٿيندين
پاڻَ ئي پَتهي پنهنجو؟

وِچَ واٽ تان ڪيئي
اَن نگرَ جهي، موٽن تا
ڪي اَڪن جيان اَگرا
ڪي لَڪن ۾ لڙڪن تا


Gul Hayat Institute

منڊتون ٿيون تو لءِ
ڪو اچا نهاري ٿو
سچ جي نگر توکي
دور تان پُڪاري ٿو

دور هُن جو ديرو آ
پنڌ ڪُجهه پريرو آ
سچ جي نگر هلندين؟

Gul Hayat Institute

# ژسثا



Gul Hayat Institute

چا هي خالي جامُ
ٻيهر ڀربو ڪينڪي؟
مري ويو خيامُ!

* * *

پيا رند اچن،
چوٽا پيمانا رکو
'حافظ' 'حافظ' ڪن!

* * *

هاٿون هي ڪنيرُ
مٿي پهچائان هيءُ به آ-
ٿلهو جهڙ تہ ذِڪرُ!

Gul Hayat Institute

* * *

آئي نيٺين نِيرُ،
ڪجهه تہ سوچي تو پيو
ميٺيءَ مَتِ ڪبيرُ!

* * *

لوءِ نه ساڳي لوءِ!
وڃون وريون پٽ تي
پٽ ڏٺيءَ کان پوءِ

* * *

ميران، تو کان پوءِ
يڪتارو ڪنهن جي ڪلهي،
ڪنهن کي سڌ نه هوءِ!

* * *

تو ڳا هيئين هُرَ
مٽي پڇاڻان ملنديون
ساميءَ سان تت ڳُرَ؟

* * *

ڪِنون جي تاڙي
دودي ٻنان هيڪلي
هيءَ روپا ماڙي!

* * *

Gul Hayat Institute

ساڳيو آهه بسنت
چنڊ به ساڳيو آ اڄان-
رڳو منهنجو انت!

* * *

اهڙو ڪو وشواسُ
آتم ۾ اسٿت ٿيان
جئن اوچو آڪاسُ!

* * *

"آئي، هو آيو؟"
"نه، هي پردو ڏيئڙي
"هوا لوڏايو."

* * *

ڪنهن جي لاءِ اڄان
ڪارو ڪانءُ لنوي پيو
سائيءَ نيرُ مٿان!

* * *

Gul Hayat Institute

مان جو پکيءَ پَرُ
ڪاش! هجان اي ڪيرتَرُ
تنهنجو وانگر اِستَرُ!

* * *

ڪالهه نه سا ڪي رُتِ،
ڪالهه نه هن سنسار جي
مون ۾ ڪوڙهي ڪُتِ،

* * *

تون ئي ڪالُ اڪالُ
تون ناٽڪ جي نند ۾
جاڳ به تنهنجو جالُ

* * *

مون ڪي هي وشواس
مان ئي پينتا ايڪتا
مان ئي نداس اڪاسُ.

---

پينتا — گهٽائي

Gul Hayat Institute

چوڏينهن ءَ چنڊ، اڄ پڻ
ءَ هيءَ ڪالي ڏاس جي
هيڏي ساري ديہن!

* * *

چانهي تو سوچني؟
چا تو چاهني شارتي
ڪر ڪيتر لوچي!

* * *

مان ءَ تون، پيئي
ءَ ڏرتي سوزائتي-
سپيتي اڻيتي،

* * *

سرءُ جتي سانجهي-
پيڙيءَ تن، تني پيو
ويچارو وانجهي.

* * *

Gul Hayat Institute

اِجهو پنڌي پانهن-
لهرين منجهه لڙهي ويا
ڪنڌيءَ سارا ڪانهن!

* * *

سمنڊ رکيو سامهون!
اچرج مان چا ٿيون ڏسن
اکڙيون ڦوٽن جون؟

* * *

ڪنڌيءَ تي چا هو؟
چولين چرڪي اوچتو
ڀرووُن تاڻيون چو؟

Gul Hayat Institute

* * *

چرَ جهڙي جيري ۾،
پيهر چنڊ ٻري جلهن
نسين ديري ۾!

* * *

ماکوڙن جو ميڙ
ٻيا سڀ هيٺ، ۽ پيٽ تي
تن کي کهڙو ڳيڙ؟

* * *

نظم نہ ڪوئي نانءُ،
مٽيءَ ۾ کهڙو مٺڙو آ
آڏران پيو آنءُ!

* * *

وٺي تنهنجو نانءُ
سنجهي ٻاري ڏيئڙا
روئان ٿو آنءُ!

* * *

Gul Hayat Institute

سمنڊ ۾ ساسي
آنءُ نہ آهيان ڪير تہ
تو جيئن ابناسي.

* * *

مٺي تسي مٺي-
پڙيا پول چڪور جا
چانڊوڪي ڇٽي.

* * *

تو بن نہ آرها،
هي ليمي جا ڪونج ڇن
سدائين سرها!

* * *

مٺس مٺس لڏي آنهہ!
وچڙي ڪيئي سال ٿيا
ڪيڏي تڏي آنهہ!

* * *

ها، هو مٺي نوشيون،
صراحيءَ جي اوٽ ۾
تنهنجون سرگوشيون!

* * *

Gul Hayat Institute

اَڄُ اَڄُ تہ ڳايون
ڪارونجهر جون چوٽيون
سدا نہ سايون.

* * *

هي جي هيل لُڪون!
ڪجيون وَهين وانگيان
آڏامي ويندڀون!

* * *

واچوڙو ايڏو!
وَنُ تان ٽيو ڪوراڙ جو
ڦهڪو تہ ڪيڏو!

Gul Hayat Institute

* * *

مالهڻ اڄ پيئي
پوٽا ديش وديش جا
پيوندي پيئي.

* * *

پيھي تي پوڙھو
پکيءَ پنيان واءُ ۾
ڪانياٺيءَ گھوڙھو!

* * *

ٽانڊاٺا ٽمڪن
نانگن اکيون ڪاھ مان
جھرڪن ۾ جھمڪن

* * *

ھوا جو جھوٽو،
ماڪ ڇٽي روئي ڏنو
اڪيلو ٻوٽو.

Gul Hayat Institute

ڪٽي پرين هاه!
آئي رُت رابيل جي
گُل ڪڙيا ڪنهن لاه؟

* * *

"ڪُواُو" "ڪُواُو" مَنڊ
مون جو ڏٺو ڪوڪ ڏي-
پوئين پهر چَنڊ!

* * *

وسڻو نه اهو اجان-
چوري آنُ چڙڻ لڳي
ڏسي پيچ متان.

* * *

Gul Hayat Institute

وڇون وهائيون-
نرڙ متان ڀوُرلو
مرڻ تي سائيون.

---

پيچ - ڪڪر، جي متي هوندا آهن ۽ مينهن نه وسائيندا آهن.
ڀورلو - گول ٽڪو
سائيون - گجريون

پنيءَ توڙي پيٽ،
لاتائين جو پولڪو
چانڊوڪيءَ لس ليٽ!

* * *

پوي تو پارو،
ويهي ڪنڌ ڳانءِ وٽ
سوچي ڏوجهارو.

* * *

نگر تي نائو—
ڪارونجهر تي ڪير تو
وڄائي پائو.

* * *

Gul Hayat Institute

پڙو پيڙي جهڙو،
مومل سوا ماڻهوئو
ننڊڪوٽ کهڙو!

---

ڏوجهارو — ڪير ڏهنڊڙ
نائو — سنها بادل
پائو — نڙ يا بين وانگر ساز

پيرَ تيڏا ساهه
ڪِرڻو آهي اوچتو
ڏاهه نه پر وڙاهه!

* * *

مٿان جهڙ جهمڪي
چِلي ڪينجهرَ پيٽ تي
چيلوري چمڪي.

* * *

ساڪَ تہ پرِ گندري!
تو وٽ سَچرِ ڏنيرا
ڪوڏر اندر گندري؟

* * *

Gul Hayat Institute

پيسو ڙي پيسو!
هئي نينگرُ ڪيئڙو
پيو هاليسو!

---

چيلوري ـ مڇيءَ جو قسم
هاليسو ـ قتل منهن وارو ونجهه

ٻڌون نه پيئي،
هلون ٿا ٻيءِ پار اڄ
سانــدارو ڏيئي.

* * *

اکين ۾ آريون-
چوڙن اکيان چنڊ جئن
رڻ ۾ رڻپاريون.

* * *

"هڻ مان تنهنجي مهڪ
"مون کي چڻ آئي پئي"-
سکيءَ ڦڪا ٽهڪ

* * *

Gul Hayat Institute

چنڊ ڏني ڪنجهه چٽهڪ
جهڙالي آڪاس کي،
۽ ڪنجهه 'ٻئيءَ' ٽهڪ

* * *

هيءَ ڪهڙي خوشبو؟
'آءٌ' تنهنجيءَ 'سُندريءَ'
جڳن جو جادو!

* * *

مان به ته آهيان شيام،
'نارائڻ!' تنهنجو رکيو
ناهي اهو نام.

* * *

وري ملنداسين؟
ڪڏهن ڳوڙها سُڪندا،
ڪڏهن کِلنداسين؟

Gul Hayat Institute

* * *

ڪنهن متوَ لتيءَ لاءِ
جي ڀيو ڪارڻ ڪونه آ—
دنيا ڪي بدلاءِ!

* * *

واري، آهِ آڇايل
۽ هي ڪوڙ ڪناري
جن ۾ سمنڊ سمايل!

* * *

چنڊ سڙهه جو ساڳيو،
تون نه ڪلهن تي ڇا ڪيال
اڄ مون لئه اوجاڳيو؟

* * *

آتر ڪانءِ طوفان اچي ٿو
ٻيڙي ٻچون تا ٻانهون، آڻا
’ڏسجي ڪير ٻچي ٿو!‘

* * *

نانگ ٻه ساڳيءَ رات ۾
ڪيڙا ماڪوڙا ٻه آنهيءَ ۾
پرهه ڦٽيءَ جي تات ۾!

* * *

Gul Hayat Institute

باک بکيڙا
ماک ڦڙي جي اندر آهن
ڪيڏا جهيڙا!

* * *

چنبڙ چنبيليءَ وَل....
در تان تون هَٽ لاهه نڪين ٿو،
هائِسي آلِ" ته آلِ"!

Gul Hayat Institute

# پڌنامو

سٽ ١٢ صفحو ١٩
غلط ـ چانڊوڪيءَ جي پاڇو پاڇو
صحيح ـ چانڊوڪيءَ جو پاڇو پاڇو

سٽ ١٦ صفحو ٤٩
غلط ـ ورديون وات پٽي رت گرڙيون ڪن ٽيون
صحيح ـ ورديون وات پٽي رت جون گرڙيون ڪن ٽيون

سٽ ١ صفحو ٥٦
غلط ـ پار ٽيا اغيار
صحيح ـ يار ٽيا اغيار

سٽ ٨ صفحو ٧٩
غلط ـ پاپُ ڍير ڏُڪاري آهي
صحيح ـ پاپَ ـ ڍيرُ ڏُڪاري آهي

سٽ ٤ صفحو ١٢٧
غلط ـ ”ڪُواهُ‘ ’ڪُواهُ‘ مَنڊُ
صحيح ـ ’ڪُوآ‘ ’ڪُوآ‘ مَنڊُ

Gul Hayat Institute

آهه جو احساس ٻري ٿو
ڪانگُ لڳي ٿو ڪنڌيءَ تي -

نيڻ ته ڏري تي
وڻ وڻن جا پاڇا ڏسندي
لُڙڪن ڇڻڻ لهرا ڏسندي ،

لُڙهَ لڳي ٿي
آءُ لڳان ٿو.

ڪنڌي ڪنڌي سِجُ لهي ٿو
جهڳٽُ جهرڪي ٿو جهنڊيءَ تي -

رات اچي ٿي
گهر گهر ڏيئا ٽمڪن ٿا
جهڙ ۾ سپا چمڪن ٿا

ننڊ اچي ٿي
آءُ لڳان ٿو.

شيخ اياز

شيخ اياز — چنڊ چنبيليءَ وَل (رشا عدي) — ليو فيلرس (72)

Gul Hayat Institute